Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد :12 | جمع 15 ڊسمبر 2023 ع بمطابق پهرين جمادي الاثاني 1445ھ | شمارو:65 | قيمت10 روپيا

تباهي اها آهي ته اسان شخصيتن کي برو ناهيون چوندا ۽ اداري کي برو چوندا آهيون: چيف جسٽس

چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ جي 5 رڪني لارجر بئنچ اڳوڻي جج شوڪت عزيز صديقي جي برطرفي بابت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

ڪيس ۾ بئنچ تبديل ٿي وئي آهي، ان کان اڳ جسٽس عمر عطا بنديال بئنچ ۾ هو، جسٽس سردار طارق ۽ جسٽس اعجاز الاحسن به بئنچ ۾ هئا، مون کي هن بئنچ ۾ به ڪنهن تي اعتراض ناهي: وڪيل

پريڪٽس اينڊ پروسيجر قانون بڻجي چڪو آهي، صحافين کي به ڏسڻ گهرجي ته قانون موجب بئنچون ٺهنديون آهن، موبائل پڪڙي هر ڪو صحافي ناهي بڻجي ويندو پر صحافي جو وڏو درجو هوندو آهي: چيف جسٽس

اصيل کي چيو ويو جيڪڏهن توهان ان جي خواهش موجب فيصلو ڏيو ته توهان کي چيف جسٽس بڻايو ويندو (وڪيل) توهان ڪنهن تي الزام لڳائي رهيا آهيو ته ان کي ڌر بڻائڻ گهرجي: چيف جسٽس

منهنجو اصول آهي ته جنهن تي الزام هڻو ته ان کي به ٻڌو ٿي سگهي ٿو ته هو الزامن کي تسليم ڪري، جيڪڏهن ڪنهن شخص کي ڌر نٿا بڻايو ته ان شخص جو نالو نه کڻجو

توهان جو الزام هڪ شخص تي آهي يا اداري تي؟ (جسٽس جمال خان مندوخيل) درخواست ۾ فيض حميد ۽ آءِ ايس آءِ جي برگيڊيئر جو ذڪر آهي (وڪيل) توهان جو الزام هڪ فرد تي آهي ته ان کي ڌر ته بڻايو: چيف جسٽس

اسلام آباد(م د) سپريم ڪورٽ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي اڳوڻي جج شوڪت عزيز صديقي جي برطرفي بابت ڪيس جي ٻڌڻي سپاڻي تائين ملتوي ڪري ڇڏي. چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ جي 5 رڪني لارجر بئنچ اڳوڻي جج شوڪت عزيز صديقي جي برطرفي بابت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. جسٽس امين الدين خان، جسٽس جمال مندوخيل، جسٽس حسن اظهر رضوي ۽ جسٽس عرفان سعادت به لارجر بئنچ ۾ شامل آهن. شوڪت عزيز صديقي جي وڪيل حامد خان روسٽرم تي اچي چيو ته ڪيس ۾ بئنچ تبديل ٿي وئي آهي، ان کان اڳ جسٽس عمر عطا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

جيڪو ڪجهه والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ ٿي رهيو آهي پاڪستان ان کان لاتعلق نه ٿو رهي سگهي، ڪشميرين کي طاقت جي زور تي زير ڪرڻ جو ڀارتي خواب ڪڏهن پورو نه ٿيندو

ڀارتي سپريم ڪورٽ ڪشمير تي غيرقانوني ۽ غيرمنصفاڻو فيصلو ڏنو آهي: نگران وزيراعظم

دنيا کي ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته اسان پنهنجي مفاد ۽ سالميت تي ڪو ٺاهه نه ڪنداسين، پاڪستان تي ڪشمير جي ڪري ٽي جنگيون مڙهيون ويون، جيڪڏهن 300 ڀيرا به جنگ مڙهي وئي ته اسان اها جنگ وڙهنداسين

ڪشميري عوام بي پناهه خوبين جي مالڪ آهي، ان ڏکڻ ايشيا ۾ مختلف شعبن ۾ شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، ان سان گڏوگڏ هن ظلم ۽ ڏاڍ کي به منهن ڏنو آهي

اهو ڀارت ئي هو جيڪو جمون ۽ ڪشمير جو تڪرار گڏيل قومن ۾ کڻي ويو هو ۽ ان وقت جي ڀارت جي وزيراعظم پنڊت جواهر لعل نهرو ڪيترن ئي موقعن تي پنهنجي مرضي سان ڪشميري عوام کي ريفرنڊم جو حق ڏيڻ جي خاطري ڪرائي

موجوده ڀارتي حڪومت انهن واعدن تان ڪيئن پٺتي هٽي سگهي ٿي، ڀارت کي گڏيل قومن، پاڪستان ۽ سڀ کان وڌيڪ ڪشميري عوام جي ريفرنڊم جي واعدن کي پورو ڪرڻ گهرجي

هڪ طرف ڀارت گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جو مستقل ميمبر بڻجڻ جو خواهشمند آهي، ٻئي طرف عالمي قانون ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن جي خلاف ورزي ڪري رهيو آهي

مظفر آباد (م د) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ ڪشميرين جي آزادي جي تحريڪ جي مڪمل حمايت جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته ڪشمير پاڪستان جي شهه رڳ آهي. ڀارتي سپريم ڪورٽ زميني حقيقتن کي نظرانداز ڪندي ڪشمير تي سياسي ارادن تي ٻڌل غيرقانوني ۽ غيرمنصفاڻو فيصلو ڏنو آهي، جيڪو ڪجهه والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ ٿي رهيو آهي پاڪستان ان کان لاتعلق نه ٿو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سرينگر: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ آزاد ڪشمير اسيمبليءَ کي خطاب ڪند

پشاور: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان سينيئر صحافي ملاقات ڪندي

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي صحافين سان ملاقات، ملڪي صورتحال تي ڳالهيون

پشاور(م د) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان مختلف نيوز چينلز جي بيورو چيف ۽ سينيئر صحافين ملاقات ڪئي، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪندڙن ۾ جمشيد ٻاگوان، عارف يوسفزئي، عبدالحڪيم، عابد حميد، طارق وحيد، شڪيل فرمان علي، محمود جان، ضياءُ الحق /بقايا پڙهو 2 نمبر 02

افغانستان ڊيره اسماعيل خان ۾ ملوث ڪردارن کي اسان جي حوالي ڪري: پاڪستان

پاڪستان ڊيره اسماعيل خان حملي جا ثبوت افغان اختيارين جي حوالي ڪيا آهن، دهشتگردن جون پناهه گاهون افغانستان ۾ آهن

افغان زمين پاڪستان جي خلاف استعمال ٿي رهي آهي ان ڪري افغان عبوري حڪومت دهشتگرد گروپن جي خلاف ڪارروائي ڪري

پاڪستان جون ٽي ٽي پي سان ڪنهن به قسم جون ڳالهيون نه ٿي رهيون آهن، آرمي چيف جي دوري ۾ پرڏيهي وزارت جو ڪردار شامل آهي

اسلام آباد (م د) پرڏيهي وزارت جي ترجمان ممتاز زهره بلوچ چيو آهي ته ڊيره اسماعيل خان حملي تي افغانستان تي ٽي ٽي پي خلاف ڪارروائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

عطائے گولڈ میڈل
برائے کارکنانِ تحریکِ پاکستان
اسلام آباد: صدر عارف علوي تقريب کي خطاب ڪندي

پي ٽي آءِ اڳواڻ شير افضل مروت لاهور هاءِ ڪورٽ ٻاهران ٿري ايم پي او تحت گرفتار

لاهور (م د) پوليس پي ٽي آءِ اڳواڻ شير افضل مروت کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب تحريڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

دشمني نواز شريف سان هئي ته عوام کي سزا ڇو ڏني وئي: نواز شريف

عدالت مون کي هر الزام مان بري ڪيو، مون کي پٽ کان پگهار نه وٺڻ تي وزارت عظميٰ تان هٽايو ويو

نيب کي منهنجي خلاف ٽي ريفرنس داخل ڪرڻ جو چيو ويو، مون کي سسلين مافيا ۽ گاڊ فادر چيو ويو

حقيقي خوشي ان وقت ملندي جڏهن عوام جون سزائون ختم ٿينديون، جڏهن انهن مهانگائي جي عذاب مان جان ڇٽندي

لاهور (م د) ن ليگ قائد نواز شريف چيو آهي ته منهنجي خلاف ڪوڙا ڪيس هئا، پنهنجو معاملو الله تي ڇڏيو هو، جنهن مون کي ڪامياب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

لاهور: نواز ليگ سربراهه نواز شريف قوم کي خطاب ڪري رهيو آهي

عدالتي حڪم تي اليڪشن ڪميشن ڊي آر اوز، آر اوز جي تربيت روڪي ڇڏي

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ جي حڪم موجب اليڪشن ڪميشن ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسرن (/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

آرمي چيف جي آمريڪي دفاع واري وزير سان ملاقات: اهم معاملن تي ڳالهيون

ملاقات جي دوران علائقائي سلامتي بابت تازي اڳڀرائي تي ڳالهيون پڻ ٿيون

ٻطرفي دفاعي تعاون جي امڪاني شعبن تي خيالن جي ڏي وٺ پڻ ڪئي وئي

نيويارڪ (م د) آمريڪا ۾ موجود پاڪ فوج جي سربراهه جنرل عاصم منير آمريڪي دفاع واري وزير لائيڊ آسٽن سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ اهم معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون. پينٽاگون جي ترجمان ميجر جنرل پيٽ رائيڊر موجب آمريڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪچي ۽ پڪي جي علائقن ۾ ڌوهارين خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي: آءِ جي

آءِ جي سنڌ جي ايس ايس پي شڪارپور آفيس ۾ شهيدن جي يادگار تي حاضري، اهم اجلاس جي صدارت

ڪچي ۾ امن امان کي يقيني بڻايو ويندو ڌوهارين جي خلاف جديد هٿيارن سان آپريشن ڪيو ويندو: آءِ جي

شڪارپور (م د) آءِ جي سنڌ رفعت مختار سنڌ جي دوري تي شڪارپور پهچي ويو آءِ جي سنڌ کي چاڪ ۽ چوبند دستن طرفان سلامي ڏني وئي،. آءِ جي سنڌ ايس ايس پي شڪارپور آفيس ۾ شهيدن جي يادگار تي حاضري ڀري دعا ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سپريم ڪورٽ مان 100 سيڪڙو انصاف جي اميد آهي: صديقي

ثبوت اڳي ئي ڏنا ويا آهن، الزامن کي رد نه ڪرڻ پاڻ ۾ وڏو ثبوت آهي

گذريل 5 سالن ۾ مون ۽ منهنجي خاندان تمام ڏکيو حالتون ڏٺيون آهن

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي برطرف جج شوڪت عزيز صديقي چيو آهي ته سپريم ڪورٽ مان 100 سيڪڙو انصاف جي اميد آهي، نجي ٽي وي سان ڳالهائيندي شوڪت عزيز صديقي کان پڇائو ڪيو ويو ته اڄ سپريم ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پي ٽي آءِ عام چونڊون ملتوي ڪرائڻ جي سازش ڪري رهي آهي: شهباز شريف

پي ٽي آءِ جون درخواستون چونڊن کان فرار ٿيڻ جي منصوبه بندي آهن ۽ سائفر جيان چونڊن جي خلاف سازش ڪري رهي آهي

پي ٽي آءِ ميڊيا ۾ چونڊون جلد ڪرائڻ جڏهن ته عدالتن ۾ چونڊون التوا لاءِ پٽيشن داخل ڪري رهي آهي

2018 جي چونڊن ۾ به بيوروڪريسي ئي ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسرن جي ذميواري نڀائي هئي پر ان وقت پي ٽي آءِ اعتراض نه ڪيو هو

لاهور (م د) مسلم ليگ(ن) جي صدر شهباز شريف چيو آهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف 8 فيبروري 2024 جون چونڊون ملتوي ڪرائڻ جي سازش ڪري رهي آهي. شهباز شريف پنهنجي بيان ۾ چيو ته پي ٽي آءِ جي درخواست عوام جي ترجماني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

عمران خان کي ڦاهي جي سزا کان بچائڻ لاءِ برطانيه ۾ ڪيس داخل ڪنداسين: عليمه خان

عمران خان جي ڪيس کي جنهن تيزي سان اڳيان ڪيو پيو وڃي اهڙي ٻڌڻي کان وڏو مذاق ٿي نٿو سگهي

ميڊيا جو جيل ۾ هجڻ ضروري هو پر ميڊيا کي اندر وڃڻ جي اجازت نه ڏني وئي، موت جي سزا عمران خان کي نه پر عوام کي ملي رهي آهي

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ باني عمران خان جي ڀيڻ عليمه خان سائفر ڪيس ۾ پنهنجي ڀاءُ کي بچائڻ جي لاءِ برطانيه جي عدالت سان رابطو ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. اڊيالا جيل ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي عليمه خان چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڀيڻ عافيه صديقي جي حياتي خطري ۾ آهي: ڊاڪٽر فوزيه

عافيا صديقي جي جسم تي ڀهريان کان وڌيڪ زخم هئا

8 ڪلاڪن جي دوري دوران رڳو رڳو 3 ڪلاڪ ملاقات ٿي

ڪراچي (رپورٽر) آمريڪا جي جيل ۾ قيد پاڪستاني ڊاڪٽر عافيا صديقي جي ڀيڻ فوزيا صديقي چيو آهي ته عافيا صديقي جي حياتي خطري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

صدر پاران نجڪاري ڪميشن (ترميمي) آرڊيننس 2023ع جاري

نجڪاري ڪميشن آرڊيننس 2000ع جي شق نمبر 28 کان شق نمبر 33 ۾ ترميمون ڪيون ويون

نجڪاري اپيليٽ ٽربيونل وٽ نجڪاري بابت ديواني ۽ فوجداري معاملن تي ٻڌڻي ۽ فيصلن جو اختيار هوندو

اسلام آباد (م د) صدر ڊاڪٽر عارف علوي نجڪاري ڪميشن (ترميمي) آرڊيننس 2023ع جاري ڪري ڇڏيو آرڊيننس جو مقصد نجڪاري معاملن ۾ غيرضروري دير ختم ڪرڻ، مسئلا حل ڪرڻ، قانون ۽ انصاف جي اصولن تي عملدرآمد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پاڪستان ۾ آبادي ۾ واڌ روڪڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي پاليسي جوڙڻ جي تجويز

ٻارن جي گهٽ پيدائش لاءِ ملڪ ۾ وڏي پيماني تي پروگرام شروع ڪيو وڃي: يو اين پاپوليشن فنڊ ۽ پائيڊ

ٻارن جي پيدائش ۾ گهٽتائي جي حوصلا افزائي ڪئي وڃي، آبادي ۾ واڌ روڪڻ لاءِ فيملي پلاننگ جون خدمتون فراهم ڪيون وڃن

ڪراچي (م د) پاڪستان ۾ آبادي ۾ واڌ روڪڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي پاليسي جوڙڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. يو اين پاپوليشن فنڊ ۽ پائيڊ جي پائيداري سان رپورٽ جاري ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ پاڪستان ۾ آبادي ۾ واڌ روڪڻ لاءِ هنگامي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پي ٽي آءِ جو اڳواڻ ايم اين اي بجلي چوري ۾ ملوث نڪتو

چوڪ اعظم ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ عبدالمجيد نيازي خلاف بجلي چوري جو ڪيس داخل

عبدالمجيد نيازي گهر ۾ ڊائريڪٽ ڪنڊو لڳائي بجلي چوري ۾ ملوث نڪتو

لاهور (م د) پنجاب سان واسطو رکندڙ تحريڪ انصاف جو اڳواڻ ايم اين اي به بجلي چوري ۾ ملوث نڪتو چوڪ اعظم ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ عبدالمجيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران ڪنٽونمينٽ بورڊن طرفان پراپرٽي ٽيڪس جي وصولي غير قانوني قرار

18هين ترميم ڪانپوءِ ڪنٽونمينٽ بورڊن کي پراپرٽي ٽيڪس وصولي جو اختيار ناهي: درخواست گذار جو وڪيل

ترميم ڪانپوءِ ڪنٽونمينٽ بورڊز ٽول فيس ۽ پراپرٽي ٽيڪس وغيرا وصول ڪرڻ جو اختيار ڪيو ويو هو

18هين ترميم ڪانپوءِ ڪنٽونمينٽ بورڊز جيڪي ٽيڪس ورتا آهن، رهائشي واپس وٺي سگهن ٿا: عدالت جو فيصلو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪنٽونمينٽ بورڊن طرفان پراپرٽي ٽيڪس جي وصولي کي غير قانوني قرار ڏئي ڇڏيو سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪنٽونمينٽ بورڊن طرفان پراپرٽي ٽيڪس جي وصولي خلاف درخواست تي ٻڌڻي ڪئي، جنهن سلسلي ۾ ڪنٽونمينٽ بورڊن جو وڪيل عدالت ۾ پيش ٿيو ٻڌڻي دوران درخواستگذار جي وڪيل چيو ته 18هين ترميم ڪانپوءِ ڪنٽونمينٽ بورڊن کي پراپرٽي ٽيڪس وصولي جو اختيار ناهي، 4 ڊسمبر 2018 ۾ مختلف دڪانن کي نوٽيس ڏنو ويو ته سپاڻي آخري ڏينهن آهي پراپرٽي ٽيڪس جمع ڪرايو، 31 ڊسمبر 2018 ۾ ڪنٽونمينٽ ڊيمانڊ نوٽيس جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: پيپلز پارٽي جي صوبائي ڪميٽي جو اجلاس فريال ٽالپر جي صدارت ۾ ٿي رهيو آهي

اڊيالا جيل ۾ سائفر ڪيس جي ٻڌڻي ان ڪئميرا ٿيندي، پراسيڪيوشن جي درخواست منظور

آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي سيڪشن 14 تحت ٻڌڻي ان ڪئميرا ٿيڻ گهرجي: ايف آءِ اي پراسيڪيوٽر

چارج فريم ٿي چڪو، شاهدين رڪارڊ ٿيڻيون آهن ۽ شاهدين رڪارڊ ڪرڻ وقت سيڪريسي کي نظر ۾ رکيو وڃي

جيل ٽرائل جو نوٽيفڪيشن هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو هو هاءِ ڪورٽ نوٽيفڪيشن ڪالعدم قرار ڏئي اوپن ٽرائل جو حڪم ڏنو: شاهه محمود جو وڪيل

راولپنڊي (م د) سائفر ايڪٽ جي خاص عدالت سائفر ڪيس جي ان ڪئميرا ٻڌڻي جي درخواست منظور ڪري ورتي. خاص عدالت جي جج ابوالحسنات ذوالقرنين پراسيڪيوشن جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي، جنهن کي پراسيڪيوشن سيڪشن 14 اي تحت گذريل ڏينهن داخل ڪيو هو. ٻڌڻي دوران ايف آءِ اي جي پراسيڪيوٽر رضوان عباسي پنهنجي دليلن ۾ چيو ته آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي سيڪشن 14 تحت ٻڌڻي ان ڪئميرا ٿيڻ گهرجي، حالتن ۽ واقعن کي ڏسندي ڳجهو ٽرائل ڪيو ويو آهي ۽ سائفر سيڪريٽ هو ته ٻڌڻي به ان ڪئميرا هجڻ گهرجي، رضوان عباسي چيو ته چارج فريم ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

NATIONAL BOOK FOU
In Associat ith
NAL BOOK DATION
ERNME TAN
ڪراچي: نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر تقريب کي خطاب ڪندي

يوفون 108 ارب رپين ۾ ٽيلينار کي خريد ڪري ورتو

ڪمپني جي خريداري جو عمل 2024ع ۾ مڪمل ٿي ويندو

ڪمپني جي وڪري جو عمل ضابطن جي منظوري سان مشروط ڪيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) يوفون 108 ارب رپين ۾ ٽيلينار کي خريد ڪري ورتو پاڪستان جي پي ٽي سي ايل گروپ (يوفون) پاران هڪ اهم اعلان ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

فوجي عدالتن ۾ سولين جو ٽرائل آئين جي ڀڃڪڙي آهي: سنڌ هاءِ ڪورٽ بار

فوجي عدالتن ۾ سولين جا ٽرائل هڪ متوازي عدالتي نظام کي هلائڻو آهي

فوجي عدالتن ۾ عام ماڻهن جا ڪيس هلڻ سان عوام جو عدليه تي اعتماد گهٽجي ويندو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسي ايشن جو چوڻ آهي ته فوجي عدالتن ۾ شهرين جو ٽرائل آئين جي آرٽيڪل 10 اي جي ڀڃڪڙي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

مورو ۾ زميني تڪرار تان زرداري برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٻن ڀائرن سوڌو 3 ڄڻا قتل

ڳوٺ ڏنبير ۾ زرداري برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي معاملي تان جهيڙو ٿي پيو، ڪيترائي زخمي

واقعي جي اطلاع تي پوليس پهچي مقتولن جا مڙهه ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي

پوليس ۽ رينجرز پهچي جهيڙي تي ضابطو آندو، آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل ناهي ٿي سگهيو

مورو (رپورٽر) مورو پرسان زميني تڪرار تان زرداري برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي جي نتيجي 2 سڳن ڀائرن سميت ٽي ڄڻا مارجي ويا جڏهن ته ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي پيا. ڳوٺ ڏنبير ۾ زرداري برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي معاملي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

اوگرا تيل ڪمپنين کي مقامي تيل استعمال ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا

تيل جو گهٽ مقدار کڻڻ سان اٽڪ ريفائنري جي بندش جو خدشو پيدا ٿي سگهي ٿو: اوگرا

آئل مارڪيٽنگ ڪمپنيون اٽڪ ريفائنري تان گهربل مقدار ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل کڻن ۽ ذخيري کي برقرار رکيو وڃي

ڪمپنيون مقامي تيل بدران درآمدي تيل استعمال ڪري رهيون آهن، جيڪا پيٽروليم رولز جي ڀڃڪڙي آهي

اسلام آباد (م د) تيل ڪمپنين جو مقامي پيٽرول ۽ ڊيزل استعمال نه ڪرڻ جو معاملو سامهون اچڻ تي اوگرا تيل ڪمپنين کي مقامي تيل استعمال ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا. اوگرا اٽڪ ريفائنري تان گهربل مقدار ۾ تيل نه کڻڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪڏهن به نام نهاد لداخ يونين ٽيريٽري کي تسليم نه ڪيو: چين

ڀارت هڪ طرفي ۽ غير قانوني طور لداخ يونين ٽيريٽري قائم ڪري ڇڏيو آهي

هندستاني سرحد جو الهندو حصو هميشه چين جي قبضي ۾ رهيو آهي

بيجنگ (م د) چيني پرڏيهي وزارت جي ترجمان جو چوڻ آهي ته چين ڪڏهن به لداخ يونين ٽيريٽري کي تسليم ناهي ڪيو، چين جي پرڏيهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پٽ جي ڪاروبار مان ناجائز فائدو وٺڻ جو الزام، آمريڪي صدر خلاف مواخذي جي جاچ ٿيندي

ايوان ۾ ووٽنگ دوران جو بائيڊن جي مواخذي واري ٺهراءَ جي حق ۾ 221 ۽ مخالفت ۾ 212 ووٽ پيا

رِي پبلڪنز ضروري قدمن بدران بي بنياد ڳالهين تي وقت زيان ڪري رهيا آهن: جو بائيڊن

واشنگٽن ڊي سي (م د) آمريڪي ايوان جي نمائندن آمريڪي صدر جو بائيڊن خلاف پنهنجي پٽ هنٽر بائيڊن جي ڪاروبار مان فائدو وٺڻ جي الزام هيٺ مواخذي جي جاچ جي باضابطا منظوري ڏئي ڇڏي. ايوان ۾ ووٽنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

BREAST CANCER AWARENESS
اسلام آباد: فرسٽ ليڊي ثمينا عارف علوي ڇاتيءَ جي ڪينسر بابت تقريب کي خطاب ڪندي

سارا انعام قتل ڪيس ۾ جوابدار مڙس شاهنواز کي موت جي سزا جو حڪم

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج شاهنواز امير کي موت جي سزا جو حڪم ڏيندي 10 لک رپيا ڏنڊ به لاڳو ڪيو

ڪيس ۾ جوابدار جي ماءُ ثمينه شاهه به نامزد هئي، جنهن کي عدالت عدم شاهدين جي بنياد تي بري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م د) ڪينيڊين شهري سارا انعام جي قتل ڪيس ۾ جوابدار مڙس شاهنواز امير کي عدالت موت جي سزا جو حڪم ڏئي ڇڏيو ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ناصر جاويد رانا محفوظ فيصلو ٻڌائيندي جوابدار شاهنواز امير کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سنڌ جو عوام چونڊن ۾ ڪرپٽ زرداري ليگ کي رد ڪري ڇڏيندو: اياز لطيف پليجو

سنڌ جي ماڻهن کي ڪرپشن، ٻوڏ جي تباهين، وسيلن جي نيلامي، جو حساب وٺڻ جو تاريخي موقعو ملي رهيو آهي

پيپلز پارٽي امير سنڌ کي بک، بدحالي ۽ بيروزگاري کانسواءِ ڪجهه ناهي ڏنو، ڪوهستان ۽ ساحلي پٽي ۾ پکين جو شڪار بند ڪيو وڃي

پيپلز پارٽي پئسي جي طاقت تي اليڪشن خريد ڪندي آهي ۽ حقيقي عوامي نمائندن کي جعلسازي سان ٻاهر ڪيو وڃي ٿو

حيدرآباد (م د) قومي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو چيو آهي ته اليڪشن ۾ سنڌ جو عوام ڪرپٽ زرداري ليگ کي رد ڪري ڇڏيندو، قومي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ايم ڊي ڪيٽ پيپر ليڪ، ڊائو يونيورسٽي کي 21 ڊسمبر تائين جواب جمع ڪرائڻ جو حڪم

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ايم ڊي ڪيٽ پيپر ليڪ جي معاملي تي ڊائو يونيورسٽي کي 21 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير عمر سيف سان ٽيلينار جو وفد ملاقات ڪندي

ماتحت عدالت ماڙي جلباڻي ڪيس سي ڪلاس نه ڪري: سنڌ هاءِ ڪورٽ

ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد کي جاچ جاري رکڻ جو حڪم ڏنو ويو

شاهدن جا بيان قلمبند ڪيا آهن ۽ بيانن جو جائزو ورتو آهي: ڊي آءِ جي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ماتحت عدالت کي ماڙي جلباڻي واقعي جو ڪيس سي ڪلاس ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ماڙي جلباڻي ۾ ڳوٺاڻا ويچارا ڪراس فائرنگ ۾ مارجي ويا: ڊي آءِ جي

ماڙي جلباڻي ۾ موجود هٿيارٻندن جا منهن ڍڪيل هئا

واقعي جي ذميوار جوابدارن کي جلد گرفتار ڪنداسين: ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد پرويز چانڊيو سنڌ هاءِ ڪورٽ ٻاهران ڳالهائيندي چيو ته ماڙي جلباڻي واقعي دوران مارجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

فاطمه ڦڙڙو ڪيس ۾ غلط شاهديون پيش ڪرڻ تي انڪوائري ڪميٽي جي رپورٽ رد

غلط شاهديون پيش ڪيون ويون، فاطمه جو ڊي اين اي جن ماڻهن سان ميچ ٿيو، ان کي رپورٽ ۾ ظاهر نه ڪيو ويو: صحت کاتو

نگران وزير ڊاڪٽر سعد خالد طرفان اجلاس گهرايو ويو، جنهن ۾ انڪوائري ڪميٽي جي رپورٽ کي رد ڪيو ويو

زيادتي ڪانپوءِ فاطمه جو چيڪ اپ گيسٽرو انٽرولاجسٽ ڪيو، ان زيادتي جي تصديق نه ڪئي هئي

ڪراچي (م د) فاطمه ڦڙڙو قتل ڪيس ۾ سنڌ جي صحت واري نگران وزير ڊاڪٽر سعد خالد انڪوائري ڪميٽي جي رپورٽ رد ڪري ڇڏي، صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: مالڪ طرفان گهر خالي ڪرڻ جو چوڻ تي جوڙي پاڻ کي باهه ڏئي ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) گهر خالي ڪرائڻ تي مسواڙ تي رهندڙ زال مڙس پاڻ کي باهه ڏئي ڇڏي ۽ ٻئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

LAUNCH OF REPORT
اسلام آباد: نگران وفاقي وزير سميع سعيد رپورٽ جاري ڪري رهيو آهي

شادي لارج پرسان سنگلرچڪ جي زميندار ٻن هارين کي اغوا ڪري گم ڪري ڇڏيو

مهينا اڳ هن کي زميندار حبيب الله نهڙيو 27 ايڪڙ زمين تي هارپو ڪرڻ لاءِ رکيو هو : متاثر

مختلف فصل جنهن ۾ ٽماٽو ڪٽڪ سرنهن جا فصل پوکيا آهن ۽ هن وقت 50 لک روپين جو ٽماٽو پڻ نڪري چڪو آهي

معاملي جو نوٽيس وٺي بااثر زميندار خلاف ڪارروائي ڪري سندس ٻنهي پٽن کي بازياب ڪرائي ساڻن انصاف ڪيو وڃي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) شادي لارج پرسان سنگلرچڪ جي زميندار ٻن هارين کي اغوا ڪري گم ڪري ڇڏيو خرچ گهرڻ تان. زميندار زمين تان بيدخل ڪري لڏي وڃڻ لاءِ ڌمڪيون ڏينهن ڏولو پيل ۽ سندس گهرواري نيشنل پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

بدين : کڻي گم ڪيلن جا وارث پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان جي سياسي سماجي شخصيت خدابخش پيٽي لاڏاڻو ڪري ويو

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر)ٽنڊو محمد خان ضلعي جي سياسي سماجي شخصيت خدابخش پيٽي ڪجھ عرصو بيمار رهڻ ڪانپوءِ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. کيس سندس اباڻي قبرستان پير شارفو ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. سندس جنازي نماز ۾ علائقي جي معززين ، سياسي سماجي ، ادبي شخصيت سميت شهرين وڏي انگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

دولتپور صفن جي مختلف ڳوٺن ۾ ٻيلي کاتي پاران آپريشن

زمين تي ڪاهيل ڪٽڪ سرنهن جو فصل توڙي سولر سسٽم تي تيل لکين روپين جا ٻور پٽي تباهه ڪيا ويا

قبضي هيٺ ڪاهيل زميندار محمد علي سهتو جي 100 ايڪڙ کان وڌيڪ ڪاهيل ڪٽڪ جو فصل تباهه

دولتپور صفن(رپورٽر) هاءِ ڪورٽ حيدرآباد ۽ سيشن ڪورٽ شهيد بينظير آباد ايس ايس پي شهيد بينظير آباد جي سخت حڪمن تي فاريسٽ ڊپارٽمينٽ کاتي پاران دولت پور پرسان ڪچي جي ٻيلي ڪنڌاهه ٿاڻي جي حد ۾ آر ايف او محمد يونس چانڊيو، ايف جي اصغر علي چانڊيو، ايف جي الهه وسايو جمالي، محمد هارون چانڊيو، گلبهار مهر، ڊي ايس پي دولت پور سيد ضمير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

پريا سٽي جي ڳوٺ جلباڻي ۾ لائيو اسٽاڪ کاتي پاران ورڪشاپ

ڳوٺ جلباڻي ۾ لائيو اسٽاڪ کاتي ضلعي نوشهري فيروز پاران هڪ ڏينهن وارو ورڪشاپ ٿيو

زونوٽڪ بيماريون وڏي پيماني تي ڦهلجن ٿيون جيڪي اسان جي سماج تي ٽن طريقن سان اثرانداز ٿين ٿيون : اڳواڻ

هن قسم جون بيماريون جانورن جي صحت کي متاثر ڪن ٿيون جنهن جي ڪري جانور بيمار ٿين ٿا

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) پريا سٽي جي ڳوٺ جلباڻي ۾ لائيو اسٽاڪ کاتي ضلعي نوشهري فيروز پاران هڪ ڏينهن وارو ورڪشاپ ٿيو، جتي لائيو اسٽاڪ کاتي جي ماهر ڊاڪٽرن، ڊاڪٽر علي اختر شاهاڻي ڊائريڪٽر پلاننگ اينڊ مانيٽرنگ لائيو اسٽاڪ، ڊاڪٽر زوهيب ٻگهيو، ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ نوشهرو فيروز ڊاڪٽر محمد اڪرم راڻو سميت پاڳين حاجي ذوالفقار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز: ورڪشاپ کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

سکر : سنڌ هاءِ ڪورٽ بينچ ۾ قومپرست اڳواڻن خلاف بغاوت ڪيس جي ٻڌڻي 19 جنوري تائين ملتوي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر : سنڌ هاءِ ڪورٽ بينچ ۾ قومپرست اڳواڻن خلاف بغاوت ڪيس جي ٻڌڻي 19 جنوري تائين ملتوي، ان سلسلي ۾ جيئي سنڌ محاذ چيئرمين رياض چانڊيو، جسقم وائيس چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ۽ ٻين قومپرست اڳواڻن خلاف بغاوت ڪيس جي ٻڌڻي سکر هاءِ ڪورٽ ۾ ٿي ٻڌڻي دوران بغاوت ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

شهدادڪوٽ ۾ 3 ڏينهن اڳ مڙس هٿان تشدد جو شڪار زال وارو مامرو، ڪيس داخل

مڙس عبدالوهاب بليدي، سهري دوست محمد ۽ ڏير جي پٽ فرمان علي بليدي مٿان ڪيس داخل ٿي ويو

عائشه چاوڙو جي مٿي جا وار ڪٽڻ وارو معاملي تي الزام هيٺ آيل ڌر جون عورتون احتجاج ٻڌجي ويون

عائشه پاڻ کي ڇڏائڻ لاءِ پنهنجا وار پاڻ ڪينچي سان ڪٽي ڊرامو ڪيو آهي : مظاهرين جون دانهون

شهدادڪوٽ(ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ 3 ڏينهن اڳ مڙس هٿان تشدد بعد وار ڪٽي تذليل جو نشانو بڻائڻ گهران ڪيڻ واري معاملي جو عورت عائشه چاوڙو جي فرياد تي شهر جي بي سيڪشن ٿاڻي تي سندس مڙس عبدالوهاب بليدي، سهري دوست محمد ۽ ڏير جي پٽ فرمان علي بليدي مٿان ڪيس داخل ٿي ويو گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي. هوڏانهن عائشه چاوڙو جي مٿي جا وار ڪٽڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو پاران گهارو ۾ کليل ڪچهري منعقد

ڊي سي شڪايتون ٻڌي درخواستون وصول ڪيون ۽ موقعي تي ئي لاڳاپيل عملدارن کي حڪم جاري ڪيا

ضلعي انتظاميه جي ڪوشش آهي ته عوام کي بنيادي سهولتون ۽ رليف فراهم ڪيو وڃي : ڊپٽي ڪمشنر

عملدار سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائين ته جيئن مقامي ماڻهن ۾ موجود پريشاني ختم ٿي سگهي

گهارو (بشار جوکيو) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو پاران گهارو ۾ کليل ڪچهري منعقد. عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ موقعي تي ئي حڪم جاري، ڊپٽي ڪمشنر اسد علي خان اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس گهارو ۾ کليل ڪچهري منعقد ڪري تعلقي ميرپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٺٽو : ڊپٽي ڪمشنر اسد علي خان کلي ڪچهري دوران عوام جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

نوشهروفيروز شهر جي قائم ڪالوني جي رهواسين پاران احتجاج، انصاف جي گهر

نوشهروفيروز(ڊ ر) نوشهروفيروز شهر جي قائم ڪالوني جي رهواسين پيرسن اسلام الدين ميمڻ مسمات شائلا ميمڻ صحافين آڏو دانهيندي چيو ته منهنجي نوجوان پٽ وقاص احمد ميمڻ کي ايس ايچ او نوشهروفيروز عبدالخالق جيلاني ون فا، انچارج اي ايس آءِ اياز سميت ٻين اهلڪارن نواز خشڪ عرس لنڊ ڪامران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڪنڊڙ پرسان شڪور ڍنڍ ۾ مهمان ۽ ناياب پکين جي آمد شروع

شڪور ڍنڍ ۾ سوين مهمان ناياب پکين کي مارڻ لاءِ مارين ٻي خوف ٿي پکي مارڻ شروع ڪري ڇڏيا

ڍنڍ ۾ مخصوص ٽولي جا رڇ لڳل مهمان پکين جي نسل ڪشي ڪندڙ انتظامي ڪارروائي کان آجا

وڏي تعداد ۾ مهمان پکين جي نسل ڪشي ٿيڻ لڳي گيم کاتي کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

ڪنڊڙ(رپورٽ محرم علي ملاح) ڪنڊڙ پرسان شڪور ڍنڍ ۾ سياري جي موسم اينديئي سائبريا ۽ ٻين ملڪن کان ايندڙ مهمان ۽ ناياب پکين جي آمد شروع. شڪور ڍنڍ ۾ سوين مهمان ناياب پکين کي مارڻ لاءِ مارين ٻي خوف ٿي پکي مارڻ شروع ڪري ڇڏيا شڪور ڍنڍ ۾ مخصوص ٽولي جا رڇ لڳل مهمان پکين جي نسل ڪشي ڪندڙ ڪارروائي کان آجا وڏي تعداد ۾ مهمان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

مانجهند پرسان قومي شاعر مستانو سنڌي جي 36 هين ورسي تقريب، ڀيٽا پيش

ضياءَ مارشلا دور ۾ گولين لڳڻ سبب شهادت ماڻيندڙ قومي شاعر مستانو سنڌي جي 36 هين ورسي ٿي

ريلي جي صورت ۾ حاضري ڀري گلن جون چادرون چاڙهي قومي ترانو پڙهي ڀيٽا پيش ڪئي وئي

شهيد مستانو سنڌي جي ڇڏيل وات کي تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ جدوجهد جاري رهندي : اڳواڻ

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند پرسان سائين جي ايم جي گرفتاري خلاف احتجاج دوران ضياءَ مارشلا دور ۾ گولين لڳڻ سبب شهادت ماڻيندڙ قومي شاعر مستانو سنڌي جي 36 هين ورسي جسٽ جسقم ايس يو پي اڳواڻن جي حاضري گلن جي ورڪا، مانجهند پرسان ڳوٺ قبي ۾ جيئي سنڌ تحريڪ ۽ جسقم پاران 1987 ۾ سکر ۾ سائين جي ايم سيد جياري خلاف سن انڊس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

مانجهند : مستانو سنڌي جي مزار تي اڳواڻ گل چاڙهي رهيا آهن

دولتپور صفن ۾ ايڊووڪيٽ حفيظ الرحمٰن جوڻو جي آفيس تي اڳواڻن جي آمد

دولتپور صفن(رپورٽر) ايڊووڪيٽ حفيظ الرحمٰن جوڻو جي آفيس تي ڊسٽرڪٽ بار شهيد بينظير آباد جي اليڪشن جي حوالي سان، ايڊووڪيٽ غلام شبير زرداري، ايڊووڪيٽ نعيم منگي، ايڊووڪيٽ سائين بخش زرداري، ايڊووڪيٽ خالد حسين سريو، ايڊووڪيٽ محمد علي جوڌري، ايڊووڪيٽ امتياز علي چانڊيو، اردووڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٺٽي سميت لاڙ جي سمورن ضلعن ۾ يوريا ڀاڻ جي کوٽ سنگين صورت اختيار ڪري ورتي

بليڪ تي يوريا ڀاڻ جي وڪري سبب آبادگار سخت پريشان ٿيڻ لڳا، انتظاميه ڪو به نوٽيس نه ورتو

مارڪيٽ مان يوريا ڀاڻ جو هٿرادو بحران پيدا ڪري آبادگارن کي نقصان طرف ڌڪڻ شروع

ڀاڻ جو بحران پيدا ڪري بليڪ تي وڪرو جاري ڪري ڀاڻ بليڪ ڪري وياج جي ڪاروبار کي هٿي ڏياري پئي وڃي : اڳواڻ

ٺٽو(ڊ ر) ٺٽي سميت لاڙ جي سمورن ضلعن ۾ يوريا ڀاڻ جي کوٽ سنگين صورت اختيار ڪري ورتي، بليڪ تي يوريا ڀاڻ جي وڪري سبب آبادگار سخت پريشان ٿيڻ لڳا، انتظاميه ڪو به نوٽيس نه ورتو، ٺٽو سجاول، بدين ۽ ٽنڊو محمد خان وارن ضلعن ۾ ڪٽڪ جي پوکي ٿيندي ٿي مارڪيٽ مان يوريا ڀاڻ جو هٿرادو بحران پيدا ڪري آبادگارن کي نقصان طرف ڌڪڻ شروع ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سيتارجا پرسان ڳوٺ وڏيرو حامد ڪٻر جي رهواسي پاران احتجاج

بااثر مختيار سولنگي ٻه سال اڳ منهنجو موٽر سائيڪل جو ڪٽڙ رکيو : پوڙهيت

ٻه سال گذري وڃڻ باوجود مونکي نه موٽر سائيڪل ٿو ڏئي، انصاف ڏياريو وڃي

سيتارجا(رپورٽر) سيتارجا پرسان ڳوٺ وڏيرو حامد ڪٻر جي رهواسي پوڙهيت محمد پيرل ڪٻر نيشنل پريس ڪلب ڀيجي احتجاج ڪندي ڏاڍيو آهي ته موٽر سائيڪلن جون اسڪيمون هلائيندڙ بااثر مختيار سولنگي ٻه سال اڳ منهنجو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٺٽي ۾ سنڌي ثقافتي ڏينهن ملهايو ويو

تقريب ۾ زيب ٽيڪ جي شاگردن پاران تقريرون ڪيون ويون

شاگردن رقص جهومر پيش ڪري تقريب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا

ٺٽو(رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي (زيب ٽيڪ) ڌابيجي پاران زيبٽيڪ پاران آڊيٽوريم ۾ گلريل ڏينهن سنڌي ثقافتي ڏينهن ملهايو ويو جنهن ۾ زيب ٽيڪ جي شاگردن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٺٽو : ثقافتي تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

ڀاڻ جو هٿرادو اگهه تا ونو، اسسٽنٽ ڪمشنر ڏهرڪي جو ايڪشن

اي سي بليڪ مارڪيٽنگ ۾ ملوث ڊيلر مٿان 3 لک روپيا ڏنڊ لاڳو ڪري ڇڏيو

ڊيلر ڀاڻ جا هٿرادو اگهه وصول ڪري منافعي خوري ڪن ٿا : اي سي

گهوٽڪي(ڊ ر) ڀاڻ جو هٿرادو اگهه تا ونو، اسسٽنٽ ڪمشنر ڏهرڪي جو ايڪشن. بليڪ مارڪيٽنگ ۾ ملوث ڊيلر مٿان 3 لک روپيا ڏنڊ لاڳو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سکر ۾ جميعت علماءِ اسلام جو اجلاس، اڳواڻن جي شرڪت

مولانا عبدالغفور حيدري مسجد جي ميدان تي ريهي مدينه مسجد جي تحفظ جو اعلان ڪري : اڳواڻ

بچيل ديوارن کي مسمار ڪرڻ جو وضوخانو ۽ واش کي ڍهرائڻ جو ناپاڪ ارادو عزم ڪري ڇڏيو

سکر(بيورو رپورٽ) جميعت علماءِ اسلام يونٽ فقيهت العصر منزل گاهه جي مجلس عمومي جو اجلاس مسجد زم زم سنڌ اسلامڪ سينٽر مناره روڊ سکر ۾ زير صدارت مولانا عبدالخبير خاڪسار ٿي گذريو جنهن جامهمان خاص قاري فاروق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

خانپور ٽائون ڪميٽي ۾ ڪائونسلر جو اجلاس منعقد

ٽائون ڪميٽي وائس چيئرمين علي مراد سيتار تلاوت ڪلام پاڪ سان شروع ڪري هلائي

پ پ جي ڪائونسلرن سميت سمورن ڪائونسلرن جي شرڪت ايجنڊائون پيش ڪيون

خانپور(عتيق ابڙو)خانپور ٽائون ڪميٽي ۾ ڪائونسلر جو اجلاس چيئرمين مهدي حسن جتوئي جي صدارت ۾ ٿي گذريو وائس چيئرمين علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

خانپور : ٽائون ڪاميٽي جي اجلاس جو ڏيک

ايس ايس پي سانگهڙ پاران شهدادپور جي پوليس اسٽيشن جو دورو

عمارتن جي حالت جو جائزو، صفائي ستهرائي ۽ رنگ روغن جي هدايت

ميرٽ تي جاچ ڪرڻ ۽ عوامي مسئلا حل ڪرڻ تي خاص ڌيان ڏيڻ جي هدايت ڪئي

ٽنڊو آدم(رپورٽر) ايس ايس پي سانگهڙ سب ڊويزن ٽنڊو آدم _شهدادپور جي پوليس اسٽيشن شهدادپور، سرهاڙي، لنڊو ۽ دريا خان رند جو دورو ڪيو. رڪارڊ چيڪ ڪيو. عمارتن جي حالت جو جائزو، صفائي ستهرائي ۽ رنگ روغن جي هدايت ڪئي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

اوباوڙو پوليس نوجوان کي پنج ڏينهن کان کڻي گم ڪري ڇڏيو

ڳوٺ قادر بخش رند جي رهواسين پوليس خلاف احتجاج ڪيو، انصاف جي گهر

خدشو آهي ته پوليس اسان جي نوجوان کي ماري ڇڏيو آهي، انصاف ڏياريو وڃي : مظاهرين

اوباوڙو(غلام علي رند) اوباوڙو پوليس نوجوان کي پنج ڏينهن کان کڻي گم ڪري ڇڏيو آهي ڳوٺ قادر بخش رند جي رهواسين جو اوباوڙو پوليس اهلڪار زوار بوهڙ جي خلاف نيشنل پريس ڪلب تي الله جوايو رند اڪبر رند اختر رند ۽ مائي لال خاتون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

اوباوڙو : نوجوان کي کڻي گم ڪرڻ خلاف وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

پير پٽو پرسان ڳوٺ سومار زنگياڻي جي رهواسي پاران احتجاج

علائقي جا بااثر ماڻهو هٿيارن جي زور پرچون ڦري ويا آهن : محمد يوسف زنگياڻي

غريب ۽ مسڪين آهيان، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

گهوڙاٻاري(رپورٽر) پير پٽو پرسان ڳوٺ سومار زنگياڻي جي رهواسي مظلوم پوڙهيت محمد يوسف زنگياڻي پريس ڪلب گهوڙاٻاري ۾ اچي صحافين اڳيان دانهيندي چيو آهي ته سندس اڙد جو فصل لٽوان جواناج ڪٽي ور شهر ۾ واپاري سليمان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

روهڙي پرسان ڳوٺ حاجي خان محمد ناپر ۾ تقريب

دعا ختم القرآن ۽ امتحان ۾ پوزيشن ماڻيندڙ طلباءِ ۾ انعام تقسيم ڪيا ويا

تجويد جي قواعد ۽ ضوابط جي مطابق قرآن مجيد جي تعليم ڏني ويندي آهي : اڳواڻ

روهڙي(رپورٽر) روهڙي پرسان ڳوٺ حاجي خان محمد ناپر ۾ مدرسه دارالقرآن محمديه ۾ دعا ختم القرآن ۽ امتحان ۾ پوزيشن ماڻيندڙ طلباءِ ۾ انعام تقسيم ڪيا ويا جنهن ۾ قرآن ۽ ناظره قرآن مجيد مڪمل ڪرڻ وارن طالبن جي آخري سبق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽنڊو محمد خان ۾ فري هيلٿ اسڪريننگ ٽيسٽ ڪئمپ لڳائي وئي

ايس ايس پي آفيس ٽنڊو محمد خان ۾ چار روزه هيلٿ اسڪريننگ ڪئمپ جو اهتمام ڪيو ويو

ڪئمپ ۾ پوليس جي ملازمن کي ويلفيئر ۽ انهن کي ميڊيڪل ٽيسٽون فري ۾ فراهم ڪيون ويون

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان آئي جي سنڌ ڊي آئي جي سنڌ جيجڪر تحت ايس ايس پي آفيس ۾ فري هيلٿ اسڪريننگ ٽيسٽ ڪئمپ لڳائي وئي، ڊسٽرڪٽ هيلٿ ڊپارٽمنٽ ٽنڊو محمد خان جي تعاون سان لڳائي وئي. ڪئمپ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٽنڊو محمد خان : ڪئمپ دوران اڳواڻن جا ورتل فوٽو

آءِ جي پي سنڌ رفعت مختار راجه پاران شڪارپور جو دورو

آءِ جي پي سنڌ کي پوليس جي چاڪ و چوبند دستي جنرل سلام پيش ڪئي وئي

اجلاس ۾ ڊي آئي جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب، ڊي آئي جي سکر عبدالحميد کوسو ۽ ٻين جي شرڪت

ڪچي ۽ پڪي جي علائقن ۾ جرائم پيشه ماڻهن جي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي : آءِ جي

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) آءِ جي پي سنڌ رفعت مختار راجه جو ضلع شڪارپور جو دورو. ڊي آئي جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب ۽ ايس ايس پي شڪارپور ڊاڪٽر محمد عمران خان آءِ جي سنڌ رفعت مختار راجه جو استقبال ڪيو. ايس ايس پي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

شڪارپور : آءِ جي پي سنڌ اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

چوهڙ جمالي بوائز پرائمري اسڪول ۾ ڪمپيوٽر ليب سائنس ليب ۽ لائبريري جو افتتاح

چوهڙ جمالي(رپورٽر) چوهڙ جمالي بوائز پرائمري اسڪول ۾ ڪمپيوٽر ليب سائنس ليب ۽ لائبريري جو افتتاح ۽ ثقافتي تقريب منعقد چوهڙ جمالي جي بوائز پرائمري ڪئمپس اسڪول ۾ هيڊ ماسٽر محمد اسماعيل ميمڻ پاران ڪمپيوٽر ليب سائنس ليب ۽ لائبريري جو افتتاح ۽ ثقافتي تقريب منعقد ڪئي وئي، ڪمپيوٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

پرياسٽي ۾ هيلٿ پروفيشنل پيرا ميڊيڪس ايسوسيئيشن جو اجلاس

صوبائي اڳواڻ جي آمد تي اسٽاف پاران گلن جي ورڪا ڪري سندن ڀرپور آجيان ڪئي وئي

هي ۽ واحد تنظيم آهي جيڪا اسٽاف جي حقن لاءِ مسلسل جدوجهد ڪندي رهي آهي : اڳواڻ

پرياسٽي(رپورٽر) هيلٿ پروفيشنل پيرا ميڊيڪس ايسوسيئيشن سنڌ جي صوبائي اڳواڻ محمد قاسم ڪوسو جي صدارت ۾ گورنمينٽ ڊسپينسري چنو برهماڻي جو اجلاس ٿي گذريو، صوبائي اڳواڻ جي آمد تي اسٽاف پاران گلن جي ورڪا ڪري سندن ڀرپور آجيان ڪئي وئي ان موقعي تي سينيئر ڊسپينسر محترم علي حسن ملڪ ،سينيئر ڊسپينسر عبدالمجيد ملڪ، مدداڪيف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊو محمد خان ۾ نياڻي سان زيادتي وارو مامرو، پوليس جي ڪارڪردگي مان مطمئن ناهيون : اڳواڻ

پوليس وانگارو وارو ڪردار ادا پئي ڊي ايس پي آغا مجيد فاران مل جي انتظاميه وانگارو بڻيل آهي : ايڊووڪيٽ احمدنواز انقلابي ۽ ٻيا

پوليس فاران شگر جي جنرل مينيجر مختيار لغاري وحشي درندي علي بلوچ جو سهولتڪار بڻيل آهي

اسان نياڻي گل بانو خاصخيلي اسان جي نياڻي آهي انصاف ڏيارڻ لاءِ ڪنهن به حد تائين وڃي سگهون ٿا

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان: فاران شگر مل ڪالوني اندر معصوم نياڻي گل بانو خاصخيلي سان ٿيل زيادتي واري معاملي تي ٽنڊو محمدخان ۾ معصوم نياڻي گل بانو خاصخيلي سان سنڌ هاري ڪاميٽي ايڊووڪيٽ احمدنواز انقلابي،سنڌ جو ناميارو قانوندان ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري،سنڌ لغاري تنظيم جي چيئرمين نجم الدين لغاري،ذوليخه فائونڊيشن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڊو محمد خان :ايڊووڪيٽ احمد نواز انقلابي ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

صحافي سٽ جي دوست فهيم جاگيراڻي جو مامو حيدرآباد جي هڪ نجي اسپتال ۾ انتقال ڪري ويو

حيدرآباد(رپورٽ) صحافي سٽ جي دوست فهيم جاگيراڻي جو مامو حيدرآباد جي هڪ نجي اسپتال ۾ انتقال ڪري ويو. محمد يحيٰ جاگيراڻي گهڻو عرصو بيمار رهڻ سبب دم ڌڻي حوالي ڪيو. سندس سياسي سماجي خدمتن تي سندس دوست ساٿي ۽ دوست عزيز سوڳوار آهن. سندس تدفين قمبر ۾ سندس اباڻي ڳوٺ ۾ ڪئي ويندي.

سکر ۾ پريا ڪماري رليف ڪاميٽي پاران يرغمال بڻيل مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج جاري

علامتي بک هڙتال 72 هين ڏينهن به جاري اغوا ٿيلن جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

72 ڏينهن گذرڻ باوجود سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن يرغمال ٿيلن کي بازياب نه ڪرايو آهي : مظاهرين

نگران سنڌ حڪومت ۽ پوليس سنڌ ۾ يرغمال بڻيل يرغمالين جي بازيابي لاءِ ڪي به قدم نه کنيا آهن

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ پريا ڪماري رليف ڪميٽي پاران يرغمال بڻيل پريا ڪماري، علي اصغر منگريو ۽ ٻين يرغمالين جي بازيابي نه ٿيڻ خلاف سکر پريس ڪلب آڏو ڏينهن رات علامتي بک هڙتال 72 هين ڏينهن به جاري اغوا ٿيلن جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ۽ تعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي اغوا ٿيلن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪندڙ ڊاڪٽر نذير ڪوڪر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٺٽو : صحت کاتي جي ملازمن توڙي پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي هڪ غير رسمي گڏجاڻي

عبدالڪريم پاند، حاجي اشرف خشڪ، بابو هدايت الله فاضلاڻي، حاجي اسد خشڪ، حاجي ابراهيم سميجو، علي خاصخيلي ۽ ٻين جي شرڪت

مسئلن جي حل لاءِ جدوجهد ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو، جيڪو سمورن شريڪ ملازمن پاران منظور ڪري جدوجهد ڪرڻ تي پڻ غور ويچار

ملازمن سان ناروا سلوڪ ڪندڙ لوڪل گورنمنٽ ٺٽي جي ڊائريڪٽر طارق ٻگهيو خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي : اڳواڻ

ٺٽو(ڊ ر) ٺٽو : صحت کاتي جي ملازمن توڙي پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي هڪ غير رسمي گڏجاڻي سول اسپتال مڪلي ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ عبدالڪريم پاند، حاجي اشرف خشڪ، بابو هدايت الله فاضلاڻي، حاجي اسد خشڪ، حاجي ابراهيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽو : اجلاس دوران اڳواڻ ڳالهائي رهيا آهن

ملياڻي پرسان پرائمري اسڪول جي بلڊنگ نه هئڻ سبب ٻارن جي تعليم متاثر

ملياڻي(رپورٽر) ملياڻي پرسان يونين ڪائونسل ٽٽ گوراهو جي ڳوٺ محمد خان پنهور جي پرائمري اسڪول جي بلڊنگ نه هئڻ سبب ٻارڙا کلي آسمان هيٺ تعليم پرائڻ لڳا، اسڪول ۾ فرنيچر به نه هئڻ جي برابر اڪثر ٻارڙا پٽ تي ويهڻ لڳا، سخت سردي سبب معصوم ٻارن جي تعليم سخت متاثر، نه بلڊنگ نه فرنيچر هئڻ سبب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

مورو پرسان زرعي زمين جي تڪرار تان جهيڙو، 2 قتل

زمين جي تڪرار تان زرداري برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو

انڌا ڌنڌ فائرنگ، علائقو گولين جي گونج سان ڀرڻ لڳو، 2 ڄڻا مارجي ويا

مارجي ويلن جا لاش ۽ زخمين کي اسپتال آندو ويو، گهرن ۾ ڪهرام

ملياڻي(رپورٽر) مورو پرسان زرعي زمين جي تڪرار تان زرداري برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو، انڌا ڌنڌ فائرنگ، علائقو گولين جي گونج سان ڀرڻ لڳو، گولين لڳڻ دوران ٽڏي ٿي ٻه ڄڻا حاجي محمد قاسم ۽ غلام نبي عرف منجهو زرداري مارجي ويا جڏهن ته جهيڙي ۾ پنج ڄڻا زخمي ٿي پيا، مارجي ويلن جا لاش ۽ زخمين کي اسپتال آندو ويو زخمين مان هڪ وڌيڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نوشهرو فيروز ۾ سيپڪو انجنيئر ۽ ايس ڊي او خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪامورن جي ناجائزين ۽ پوليس خلاف ڳوٺاڻن سان گڏ مختلف سياسي سماجي جو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڳوٺ جمن راڄپر مٿان 11 هزار تارون هيون جيڪي ڪمزور ٿي ڪري زمين تي هيٺ ڪري پيون : مظاهرين

واپڊا وارن پنهنجي بدماشي ختم نه ڪئي ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪرڻ ڪرڻ سان گڏ نيشنل هاءِ وي بلاڪ ڪيو ويندو

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروز ۾ سيپڪو انجنيئر تاج محمد ماڪا ۽ ايس ڊي او سميع گجر پاران ڪيل ناجائزين ۽ پوليس خلاف ڳوٺاڻن سان گڏ مختلف سياسي سماجي جو احتجاجي مظاهرو، احتجاج جي اڳواڻي سنڌ صحافي اتحاد جو اڳواڻ محمد يونس راڄپر، قومي عوامي تحريڪ جو اڳواڻ ارشاد عباسي، ماجد نگر، مقتول جو ڀاءُ غلام مصطفيٰ راڄپر ۽ ٻيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نوشهروفيروز: سيپڪو جي ڪامورن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ايم آر ڊي ۽ جي يو آءِ سنڌ جو روح روان قاري شير افضل خان لاڏاڻو ڪري ويو

ٻاهو ڪوسو(رپورٽر) ايم آر ڊي ۽ جي يو آءِ سنڌ جو روح روان قاري شير افضل خان هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. بيباڪ ليڊر هيرو ۽ پابند سلاسل رهيو. ڊاڪٽر اي جي انصاري، خبر موجب تحريڪ بحالي جمهوريت ايم آر ڊي تحريڪ ۽ جي يو آءِ سنڌ جو روح روان قاري شير افضل خان هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. مرحوم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ليڊي هيلٿ ورڪرز، ويڪسينيٽر ۽ ٻيا سماجي ادارا هدف حاصل ڪرڻ لاءِ اسان سان گڏ آهن : ڊاڪٽر محمد نعيم

سنڌ جي صحت کاتي پاران اميونائيزيشن لاءِ جاري ڪيل هڪ سال کان گهٽ عمر وارن ٻارن کي ٽڪن لڳائڻ وارو پروگرام ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۾ مثبت قدم ثابت ٿيندو

ٻارن جي بي سي جي ويڪسينيشن جي هڪ قابل تعريف ڪوريج حاصل ڪئي آهي جنهن ۾ موثر حڪمت عملي تحت مقرر سائيٽن ۽ ڪميونٽيز تائين رسائي شامل آهي

ٻارن جي صحت جي تحفظ لاءِ پنهنجي مشن تي پرعزم آهي ۽ ٿرپارڪر ضلعي ۾ ڊيڪاربل ترقي پروگرام اي پي آئي ٽيم جي دلچسپي ۽ محنت جو واضح ثبوت آهي

مٺي(ڊ ر) اي پي آئي سنڌ جي پراجيڪٽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر محمد نعيم چيو آهي ته سنڌ جي صحت کاتي پاران اميونائيزيشن لاءِ جاري ڪيل هڪ سال کان گهٽ عمر وارن ٻارن کي ٽڪن لڳائڻ وارو پروگرام ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۾ مثبت قدم ثابت ٿيندو، هن چيو ته ليڊي هيلٿ ورڪرز، ويڪسينيٽر ۽ ٻيا سماجي ادارا هدف حاصل ڪرڻ لاءِ اسان سان گڏ آهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمع 15 ڊسمبر 2023ع

مهمان پکين ۽ ناياب نسل جي جانورن جو قتل عام

سنڌ ۾ سيارو سائبيريا ۽ ٻين ٿڌن علائقن کان ايندڙ مهمان ۽ ناياب پکين ۽ جانورن جي موت جي موسم بڻجي اچي ٿو ۽ معصوم پکين ۽ ناياب نسل جي جانورن جو اهو قتل عام سرڪاري اجازت سان وائلڊ لائف کاتي ۽ مقامي پوليس جي ساٿ ۽ سهڪار سان ۽ ان جي سرپرستيءَ ۾ ٿئي ٿو. هن وقت به سنڌ ۾، خاص طور تي مختلف ڍنڍن تي، توڙي ڪاڇي، ٿر ۽ ڪوهستان ۾ خطري هيٺ آيل ناياب نسل جي جانورن جو قتل عام جاري آهي. توڙي جو سنڌ ۾ ناياب جانورن ۽ مهمان پکين جي تحفظ لاءِ ڪم ڪرڻ جا ڪيترائي ادارا ۽ غير سرڪاري تنظيمون دعويدار آهن پر انهن طرفان به ان فطرت دشمنيءَ خلاف ڪو سگهارو آواز نه پيو اٿاريو وڃي. پکين ۽ جانورن جي ان قتل عام جون ميڊيا تي خبرون رپورٽ ٿيڻ جي باوجود ان جو نوٽيس نٿو ورتو وڃي.

ماحولياتي تباهيءَ، ڍنڍن ڍورن جي گهٽجڻ ۽ ٻين مختلف سببن جي ڪري مهمان پکين جو جيڪو وڏو تعداد اڳ سنڌ جي پاڻين تي لهندو هو، اهو هاڻي نٿو اچي. هڪ ته ڍنڍن ۾ ڍيرن ۾ ۽ ٻين آبي ٻوٽن جي گهٽجڻ جي ڪري به اهي مهمان پکي، اجهي ۽ خوراڪ نه هجڻ جي ڪري سنڌ جي ڍنڍن تي گهٽ ٿا لهن. مٿان وري جهمپير واري ونڊ ڪاريڊور ۾ تمام گهڻن ونڊ پراجيڪٽس جي ڪري ڪينجهر ڍنڍ تي به هاڻي پکين جو اهو تعداد نٿو لهي، چو ته ونڊ ٽربائين جي پرن ۽ ڳاڙهي روشني انهن کان اها جوءِ ڇڏرائي ڇڏي آهي. پر ان جي باوجود به جيڪي پکي سنڌ جي پاڻين تي لهن ٿا، انهن جو قتل عام رڪجي نه سگهيو آهي. وائلڊ لائف کاتي جي ساٿ ۽ سهڪار ۽ پوليس جي سرپرستيءَ ۾ معصوم مهمان پکين جي نسل ڪشي جاري آهي. پکين جو شڪار نه صرف بندوق باز ڪن ٿا، پروانجهار ۽ ٻين طريقن سان پڻ پکين کي ڦاسايو وڃي ٿو. ان کانسواءِ ڪوهستان، ڪاڇي ۽ ٿرمان ناياب جانورن هرڻ، چنڪارا، گڊ، ڦاڙهي جو پڻ شڪار جي نالي ۾ قتل عام ٿي رهيو آهي. ناياب جانورن جو شڪار هونئن ته سڄو سال جاري رهي ٿو پر سياري ۾ عرب شڪارين جي اچڻ سان اهو تمام گهڻو وڌي ويندو آهي. ان سان گڏوگڏ تلور مارڻ به عرب شڪارين جو مرغوب مشغلو آهي. ان شڪار جون پرمٽون وفاقي حڪومت طرفان جاري ٿينديون آهن ۽ جڏهن ان تي اعتراض ڪيو وڃي ٿو ته چيو ويندو آهي ته ان معاملي جو تعلق پرڏيهي پاليسيءَ ۽ سفارتي لاڳاپن سان آهي.

هن وقت صورتحال اها آهي جو سنڌ ۾ عرب شڪارين ۽ انهن جي مقامي واڻن شڪار لاءِ مختلف علائقن ۾ ڪئمپون قائم ڪري ورتيون آهن. مقامي ماڻهن لاءِ اهي علائقا نوگو ايريا بڻايا ويا آهن. مقامي ماڻهن جا لنگهه ۽ رستا بند ڪيا ويا آهن. انهن ڪئمپن ۾ مقامي واڻا ۽ پوتار انهن شڪارين جي خدمت ۾ هر وقت حاضر ۽ ٻانهن ٻڌا ٻانها بڻيل آهن ۽ وائلڊ لائف کاتي توڙي پوليس جا اهلڪار ۽ عملدار پڻ انهن جي خدمت چاڪريءَ واري ڊيوٽي تي لڳل آهن. اهي ادارا، جن جو ڪم معصوم پکين ۽ خطري هيٺ آيل ناياب نسل جي جانورن جو تحفظ ۽ انهن جو قتل عام روڪرائڻ آهي، انهن جي سرپرستيءَ ۾ اهو قتل عام بنا روڪ ٽوڪ جي جاري آهي. وائلڊ لائف کاتو پنهنجي سرگرميءَ ۽ فعال ڪردار جو تاثر ڏيڻ لاءِ ڪنهن هڪ ٻن شڪارين تي پرمٽ کان وڌيڪ شڪار ڪرڻ تي معمولي رقم جو ڏنڊ وجهي ٿو، جنهن سان پکين ۽ ناياب جانورن جي ان قتل عام تي ڪو به فرق نٿو پوي. سنڌ مان اهي ناياب جانور ڏينهون ڏينهن ختم ٿيندا وڃن پر حيرت آهي جو نه هتي ناياب جانورن ۽ پکين جي تحفظ لاءِ ڪم ڪندڙ ادارن کي ڪا ڳڻتي آهي ۽ نه ئي وري حڪومت ان فطرت دشمنيءَ کان پاڻ پلي سگهي آهي.

سائبيريا ۽ ٻين ٿڌن علائقن ۾، جتي هن مند ۾ شديد برفباري هوندي آهي، اتان پکي هجرت ڪري سنڌ ۽ ٻين علائقن جي پاڻين تي لهندا آهن ۽ جيئن ئي برفباريءَ وارن علائقن ۾ موسم بهتر ٿيندي آهي ته اهي پکي موٽ کائيندا آهن، پر جيترا پکي اتان ايندا آهن، انهن جو بنهه قليل تعداد ئي واپس موٽي سگهندو آهي. ٻيا بندوقن جو بک ٿي يا وانجهارن جي ور چڙهي ويندا آهن. ٻيو ته ناياب نسل جا جانور به ماريا پيا وڃن. اسان مهمان پکين ۽ ناياب نسل جي جانورن جي قتل عام تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي اها گهر ٿا ڪريون ته، پکين ۽ جانورن جي نسل ڪشي بند ڪرائي وڃي.

سياسي ڌرين کي چونڊن جي شيڊيول جو انتظار!

ايم بي سومرو

امڪان آهي ته اڄ يا 15 ڊسمبر تي اليڪشن ڪميشن چونڊ شيڊيول جاري ڪندي. چو ته ان بعد 16 ۽ 17 ڊسمبر ڇنڇر ۽ آچر جي موڪلن جا ڏينهن آهن. ڏسجي ته اليڪشن ايڪٽ جي سيڪشن 57 تحت مختلف مرحلن تي ٻڌل گهٽ ۾ گهٽ 54 ڏينهن جو چونڊ شيڊيول جاري ڪرڻ قانوني گهرج آهي. 16 ڊسمبر کان 8 فيبروري تائين ڪل 55 ڏينهن ٿين ٿا. جن ۾ 14 ڏينهن ڇنڇر ۽ آچر جي موڪلن جا ڏينهن به شامل آهن. ان ڪري قانون مطابق ملڪ اندر عام چونڊون ڪرائڻ لاءِ 15 ڊسمبر تي چونڊ شيڊيول جاري ڪجي ۽ موڪلن جا 14 ڏينهن به عام معمول جي ڏينهن وانگر ڪم ڪجي. تڏهن وڃي 54 ڏينهن جي مرحلن تي ٻڌل شيڊيول جاري ڪري سگهبو. ٻي صورت ۾ قانون تحت چونڊون نه ڪرائي سگهبيون.

هي سٽون لکندي مونکي عجيب محسوس ٿي رهيو آهي، چو ته اسان جي ملڪ ۾ جيڪا صورتحال شروع ٿي آهي، ان ۾ آئين ۽ قانون تي روح موجب عملدرآمد نه ٿي رهيو آهي. قومي اسيمبلي 9 آگسٽ تي ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو ويو هو. آئين تحت 90 ڏينهن ۾ يعني 9 نومبر 2023 تائين قومي اسيمبلي، سنڌ ۽ بلوچستان اسيمبلي جي ٽڪن تي عام چونڊون ٿي وڃڻ گهرجن ها پر ٽڪبندين واري آئيني آرٽيڪل تي عمل ڪرڻ وڌيڪ مناسب سمجهيو ويو ۽ 90 ڏينهن ۾ چونڊون ڪرائڻ واري آئين جي آرٽيڪل کي اها اهميت نه ملي سگهي. ائين جنوري جي پهرئين ڏهي بعد کي پي ڪي ۽ پنجاب اسيمبليون ٽوڙيون ويون هيون. انهن جي ٽڪن تي به اپريل جي پهرئين ڏهي تائين چونڊون ٿي وڃڻ گهرجن ها پر جنوري ۾ انهن اسيمبلين کي ٽڻي سال ٿي ويندو. جتي اڃان چونڊون نه ٿي سگهيون آهن. ان باوجود پاڻ مثبت سوچ اختيار ڪندي اهو تصور ڪريون ٿا ته 8 فيبروري تي ملڪ اندر عام چونڊون ٿي وينديون. نگرانن جو ڏکيو دور ان بعد ختم ٿيندو ۽ چونڊيل حڪومتون پنهنجو ڪم شروع ڪري ڏينديون.

عجيب اتفاق آهي ته جڏهن 2018ع جون عام چونڊون ٿيڻيون هيون، تڏهن چونڊن کان اڳ نواز ليگ جي سربراهه ميان نواز شريف کي سڄي عمر لاءِ نااهل ڪيو ويو هو نواز شريف ۽ مريم نواز جي بيانن هلائڻ تي به پابندي لڳائي وئي. اهڙو ماحول ناهيو ويو جو نواز ليگ اڳواڻ نواز ليگ کي الوداع ڪرڻ ۾ ئي خير ۽ ڀلو تصور ڪرڻ لڳا هئا. اهوئي سبب آهي ته 2018ع جي چونڊن کان اڳ بني گالا ۾ عمران خان روز ڪنهن نه ڪنهن ن ليگ اڳواڻ يا ڪا ٻي پارٽي ڇڏي ايندڙ جي ڳچيءَ ۾ پي ٽي آءِ جي جهنڊي وارو رومال وجهندي نظر ايندو هو. وقت اهڙو ڦيرو کاڌو آهي. جو هاڻي جڏهن 2024ع ۾ عام چونڊون ٿيڻ واريون آهن. تڏهن نواز شريف ۽ نواز ليگ لاءِ اها ئي فضا ۽ ماحول ٺهيل محسوس ڪيو پيو وڃي. جيڪو 2018ع جي چونڊن ۾ پي ٽي آءِ لاءِ ماحول پيدا ڪيو ويو هو نواز شريف کي جن ڪيسن ۾ گرفتار ڪري نااهل ڪيو ويو هو. نواز شريف انهن ڪيسن مان آجو ٿي چڪو آهي. عمران خان هن وقت جيل ۾ آهي. ان جي بيان نشر ڪرڻ تي پابندي آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻن لاءِ اڃا به پي ٽي آءِ ڇڏڻ ئي رستو بچيل محسوس ٿي رهيو آهي. جيڪي پي ٽي آءِ اڳواڻ پي ٽي آءِ کي ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهن. انهن کي به سڀ ڏينهن جيلن ۾ ٿي ويا آهن ۽ ڪيترائي اڳواڻ روپوش آهن. جڏهن ته سوين اڳواڻ پي ٽي آءِ کي ڇڏي چڪا آهن ۽ اهو محسوس ڪيو پيو وڃي ته ايندڙ حڪومت مسلم ليگ (ن) جي هوندي. سوال هي آهي ته جڏهن "چونڊ نتيجن کان اڳ ئي ڪير حڪومت ايندو؟" جهڙا نتيجا بحث هيٺ اچن ۽ چونڊن بعد اهي ئي نتيجا سامهون اچن ته انهن چونڊ نتيجن کي ڪير تسليم ڪندو ۽ ملڪ اندر ڪيئن سياسي استحڪام قائم ٿيندو؟! اگر سياسي استحڪام نه هوندو ته پوءِ ملڪ ۾ جمهوريت ڪيئن مضبوط ٿيندي؟ اهي اهڙا سوال آهن. جن تي سياسي ڌرين، لڳي ائين ٿو ته پنهنجي پنهنجي مفاد کي سامهون رکي غور ڪرڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي. جنهن روش ملڪ ۾ جمهوري نظام ۽ سياسي پارٽين کي ملڪي تاريخ جي ڪمزور ترين صورتحال ۾ آڻي ڇڏيو آهي. ملڪ ۾ اڳ ئي گهڻي پاڳي "پرو اسٽيبلشمينٽ" پارٽيون گهڻيون مضبوط رهيون آهن. اٽي ۾ لوڻ برابر جيڪي ماضي ۾ پارٽيون ان روش خلاف مزاحمتي ڪردار ادا ڪري رهيون هيون. هاڻي اهو ڪردار به ماضي جو قصو ٿي ويل محسوس ٿي رهيو آهي. اهوئي سبب آهي ته آزادي جي 76 سال گذرڻ بعد به اسان جي ملڪ اندر جمهوري نظام مضبوط ٿيڻ بجاءِ ڪمزور ترين ٿي ويو آهي. ان صورتحال جون ذميوار سياسي ڌريون وڌيڪ آهن. جن کي اقتداري ۽ مفادن واري سياست صفا وائکو ڪري عوام سامهون آندو آهي. اهوئي سبب آهي ته انهن جي عوام ۾ اها ساک نه رهي آهي پر عام ماڻهو انهن جي ناقص ڪارڪردگي ۽ ابن الوقتي کي ڏسي جمهوري نظام خلاف ئي ڳالهيون ڪرڻ لڳا آهن. سوال هي آهي ته جيڪو نظام شروع کان نشاني تي رهيو هجي، ان نظام خلاف عوام ماڻهن جي به همدردي نه رهي ته اهو نظام ملڪ ۾ ڪيئن مضبوط ٿي سگهندو؟

سنڌ ۾ پيپلزپارٽي مسلسل 15 سالن کان حڪومت ڪئي آهي. سنڌ ۾ بنا ڪنهن وقفي جي پندرنهن سالن تائين حڪومت ڪرڻ دوران پيپلزپارٽي ڪهڙي ڪارڪردگي ڏيکاري آهي. ان تي ضرور بحث ٿيڻ گهرجي. پيپلزپارٽي کي به پنهنجي پندرنهن سالن جي ڪارڪردگي رپورٽ عوام لاءِ جاري ڪرڻ سان گڏ اهو ٻڌائڻ گهرجي ته پندرنهن سالن ۾ انهن سنڌ جي ڪهڙي ضلعي. تعلقي. يونين ڪائونسل کي ماڊل بڻايو آهي. جتي هر بنيادي سهولت موجود ڏسڻ ۾ اچي. اهو به ٻڌائڻ گهرجي ته تعليم، صحت، روزگار، امن امان ۽ زراعت جي حوالي سان انهن جي پندرنهن سالن جي حڪومت جي نمايان ڪارڪردگي ڪهڙي آهي؟ سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجي قيمتي ووٽ ڏيڻ جي فيصلي کان اڳ اڳوڻن حڪمرانن جي ڪارڪردگي کي جاچڻ سوڌو سامهون ايندڙ اميدوارن کان مستقبل جي پلان ۽ ان کي عملي جامو پهرائڻ جو رستو ضرور پڇڻ گهرجي. جيئن مرڪز ۽ پنجاب ۾ حڪومت ناهڻ جي حوالي سان نواز ليگ پراميد نظر اچي رهي آهي. ائين سنڌ ۾ پيپلزپارٽي قيادت چونڊن ۾ پيپلزپارٽي کي نه لهر نه لوڏو محسوس ڪري رهي آهي. مطلب ته پيپلزپارٽي هن چونڊن ۾ به سنڌ ۾ حڪومت ناهڻ لاءِ پر اميد نظر اچي رهي آهي. ضروري ناهي ته جيئن ڪنهن کي صورتحال جيترو آسان لڳي رهي آهي. نتيجو به اهو ئي اچي. پيپلزپارٽي پارليامينٽيرين جي صدر آصف علي زرداري سنڌ ۾ هر ضلعي جي اهم تصور ٿيندڙ اليڪٽيبلز کي پيپلزپارٽي ۾ آڻي ويهاريو اهو ئي سبب آهي ته جيڪي پيپلزپارٽي جا روايتي مخالف تصور ٿيندا هئا. اهي به پيپلزپارٽي ۾ ويٺل نظر اچي رهيا آهن. شڪارپور سان تعلق رکندڙ غوث بخش مهر، جنهن 2008ع جي عام چونڊ کان اڳ محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت جو المناڪ واقعو ٿيڻ بعد پنهنجي سيٽ کٽڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، اهو غوث بخش مهر به پيپلزپارٽي ۾ اچي چڪو آهي. گهوٽڪي ۾ علي گوهر مهر به پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿي ويو آهي. لاڙڪاڻي مان انڙ گهراڻي جون اهم شخصيتون به پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿيون آهن پر جنهن نموني پير صاحب پاڳاري جي سربراهي ۾ جي ڊي اي کي متحرڪ ڪيو پيو وڃي. پير صدر الدين شاهه به ميدان ۾ آهي. جيڪو سنڌ جي سياست جي انداز کي چڱي ريت سمجهي ٿو ۽ نواز ليگ جو بشير ميمڻ جيئن نواز ليگ کي سنڌ ۾ مضبوط ڪرڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪري رهيو آهي. ان سان اهو ته تاثر پيدا ٿي رهيو آهي ته سنڌ ۾ پيپلزپارٽي سان چونڊن ۾ سخت مقابلي جي ڀرپور ڪوشش ڪئي پئي وڃي. پيپلزپارٽي کي مسلسل سنڌ ۾ اقتدار ۾ رهڻ جو فائدو به آهي. ته اهو عمل ان لاءِ وڏا مسئلا به پيدا ڪري سگهي ٿو مونکي هڪ صحافي طور لڳي ٿو ته سنڌ ۾ پيپلزپارٽي کي وڏي ۾ وڏو فائدو مضبوط ۽ مستقل مزاج اپوزيشن جي نه هجڻ جو ٿئي ٿو. اگر چونڊن کان پوءِ مسلسل پنج سال جي ڊي اي ڀرپور اپوزيشن جو ڪردار ادا ڪري ها ته هن وقت صورتحال مختلف هجي ها پر ائين چو محسوس نه ڪيو ويو. ان جي ته ڪين خبر پر جي ڊي اي جي اتحاد ۾ نواز ليگ جي هجڻ ڪري پي ٽي آءِ جو شامل ٿيڻ ڏکيو عمل محسوس ٿئي ٿو اگر پي ٽي آءِ سنڌ ۾ جي ڊي اي سان اتحاد نه ڪيو ته ان جو فائدو پيپلزپارٽي کي پوندو. بهرحال صدر الدين شاهه ۽ بشير ميمڻ اتحاد ۾ اڳواڻن کي آڻڻ ۾ اڃان مصروف آهن پر ڇا سنڌ جي هر صوبائي ۽ قومي ٽڪ تي پيپلزپارٽي جي مقابلي ۾ مضبوط اميدوار سامهون آڻڻ جي پيپلزپارٽي مخالف اتحاد جي تياري مڪمل آهي؟ اهو اهم سوال ان ڪري آهي ته اگر 8 فيبروري تي عام چونڊ ٿيڻي آهي ته ان لاءِ 16 ڊسمبر تائين شيڊيول جاري ٿيڻو آهي ۽ چونڊ شيڊيول جو پهريون مرحلو ئي نامزدگي فارم وصول ڪرڻ جو هوندو. شيڊيول جاري ٿيڻ بعد نامزدگي فارم جمع ڪرائڻ جي ڇهون ڏينهن آخري تاريخ مقرر ٿيندي. ان ڪري 8 فيبروري تي چونڊ ٿيڻ جي صورت ۾ سنڌ ۾ پيپلزپارٽي مخالفن کي اميدوارن جي نالن کي حتمي صورت ڏيڻ لاءِ هاڻي گهڻو وقت نه آهي.

ڪُهي سو ڪَرَ لَهِي، ڪوني سو قَريبُ؛
اِها عادَتَ سِڪيو، هَر زَمان حبيبُ؛
تِجِي سو طبيبُ، سو ئي راحتَ رُوحَ جِي.

سنڌ ، زراعت ۽ اختياريون ..!!!!

رحمت الله ٻرڙو

سنڌ جو مجموعي طور زراعت جي لحاظ کان مشاهدو ڪيو ويندو ته سنڌ توهان کي ٻن حصن ۾ ورهايل نظر ايندي هڪ زراعت ۽ ٻيو پورٽ اينڊ شپنگ يا ڪوسٽل سائيڊ پڻ مٿي جيڪو موضوع آهي سو سنڌ جي زراعت جو پيشو يا شعبو آهي ۽ مجموعي طور سنڌ زرعي بنيادن تي جتي مالامال هئي ۽ آهي اتي غلط پاليسين سبب ۽ اتي سرڪاري طور اختيارين پاران ڪرپشن سبب جڻ ته مالا مال حال مان زوال جو شڪار نظر ايندي.!! گذريل ڪافي ڏينهن کان وٺي ڪڻڪ جي پوکائيءَ ۾ جيڪي رڪاوٽون پيش اچي رهيون آهن ۽ انهن رڪاوٽن سبب ڪڻڪ جي پوکائي جو گهٽجي ته ٿيڻ جا انديشا پڻ سياڻي ڪڻڪ جي گهٽتائيءَ جو سبب بنجي سگهجن ٿا. سنڌ صوبو پنهنجي زراعتي شعبي ۾ انتهائي مالدار صوبو رهيو آهي ۽ ان حوالي سان پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۽ پوءِ به سنڌ جي زراعت جي عالمي مارڪيٽ هاڪار پڻ هئي پر افسوس جو گذريل هڪ وڏي عرصي کان وٺي سنڌ جي زراعت واري شعبي کي جڻ ته هٿ وٺي تباهه ڪيو ويو آهي.

ان تباهيءَ جا سبب سواءِ ڪرپشن کان ٻيو ڪجهه به ناهي، سا سو جهڙي شعبي کان ويندي تحقيقات ۽ مڪينيڪل جهڙا شعبا سنڌ جي زراعت جو هن وقت تائين حصو رهيا آهن پر پوءِ به پرڏيهي فنڊيڊ پروگرامن کان ويندي وفاقي حڪومت جي سهڪار سميت سموري سنڌ جي زراعت کاتي کي اربين روپين جي بجيٽ آهي پر پوءِ به زراعت جهڙو کاتو يا شعبو بجاءِ سڌرڻ جي وڃي پيو تباهه ٿيندو. تازو هڪ تنڊرو مثال آهي ته نگران حڪومت جي هن ٿوري عرصي ۾ سنڌ ۾ آڪٽوبر کان ڊسمبر تائين ڪڻڪ جهڙي فصل جي پوکائيءَ جي سيزن آهي، پر افسوس جو ان جهڙي اهم وقتتي اداري پاران غلط پاليسين سبب زرعي ڀاڻ جي ڪوٽ ۽ بليڪ مارڪيٽنگ پڻ عام ٿي پئي آهي، ۽ وقت سر زرعي ڀاڻ نه ملڻ ۽ مناسب اگهه کان مهانگو ملڻ سبب پوکائي جتي متاثر ٿيندي اتي غريب مسڪين عام هاريءَ ۽ ننڍي آبادگار جي خريداري کان اگهه مٿاهون هجڻ سبب اڳتي هلي ڪري ڪڻڪ جي پوکائي گهٽ ٿي سگهي ٿي. ان ڪري هن وقت سنڌ جي زراعت کاتي جي پاران ڀاڻ جي ڪوتني ڪنٽرول نه ڪري سگهڻ سان گڏوگڏ ڪڻڪ جي پوکائيءَ واري ٻج جو معياري نه هجڻ ۽ پوک مري وڃڻ جون به شڪايتون ميڊيا ۾ روز جو معمول پڻ آهن زراعت کاتي جي اعلي اختيارين بابت اهڙيه خبرون روز جو معمول آهن ته نگران وزيراعلي سنڌ جي سخت اپائن کان پوءِ اجلاس مٿان اجلاس آهن پر نتيجوان جي پڻ ابتڙ نذر اچي پيو!! وڏي افسوس سان ٿو چوڻو پوي ته سنڌ ۾ ڪڻڪ جي پوکائي جيئن شروع ٿي آهي ته زراعت کاتي جو ڊائريڪٽر جنرل زراعت ۽ توسيع کاتو ريٽائر ٿي ويو آهي پر گذريل 3 مهينن کان وٺي ههڙي وڏي اهم ڪڻڪ جي پوکائيءَ ۾ اهم پوسٽ ڊي جي ايگريڪلچر خالي پئي آهي!! نگران وڏي وزير باقر مقبول جي وڏين ڪوشش باوجود زراعت کاتي جون اعلي اختياريون خبر ناهي انٽرويز به اميدوارن کان ڪري پوسٽ فوڪل پرسن زريعي هلائي رهيون آهن ۽ سنڌ ۾ زرعي ڀاڻ جي ڪوٽ، بليڪ مارڪيٽنگ کان ويندي ڪڻڪ جي پوکائيءَ واري ٻج جنهن جو 50 ڪلو جو ٿيلهو 7500 ۾ ملي ٿو پر ان جي مري وڃڻ مطلب پوکائي نه ٿيڻ جون شڪايتون عام آهن پر هتي اسان جون زراعت کاتي جون اعلي اختياريون خاموش تماشائيءَ وارو ڪردار ادا ڪندي ڪاٿي ڪمشنر کي فوڪل پرسن ڪري ڊي جي شپ ان کان هلرائي هي حال ڪڻڪ جي پوکائيءَ ڪري رهيون آهن!!

ان سلسلي ۾ سنڌ حڪومت پاران ورتل سخت اپاءَ به جڻ ته ڪنهن انتظامي سست رفتاريءَ جو يا انتظامي بدگمانيءَ جو شڪار ٿي پيا آهن لازمي آهي ته موجوده سيڪريٽري زراعت جي هوندي ۽ سموري سنڌ ۾ تقريبن 25 ايڊيشنل ڊائريڪٽرز ۽ اهڙا ان جي اڌ جيترا ڊائريڪٽرز زراعت کان ويندي 8 سيڪشنن جي ڊائريڪٽر جنرلز ۽ مينيجنگ ڊائريڪٽر هوندي سنڌ ۾ زراعت جون پاليسيون تعطل جو شڪار ٿي سنڌ جي زرعي فصلن جي تباهيءَ ۽ گهٽ پوکائيءَ جو سبب ٿين ته ان سست رويي جو ٻيو ڪو سبب سامهون سمجهه ۾ ڪونه ٿو اچي سواءِ ان جي يا ته موجوده سنڌ جي نگران وڏي وزير جي زرعي پاليسين کي ناڪام ڪجي يا ڪرپشن پڻ ڪن چو ته سنڌ جي زراعت جو قلمدان به نگران وڏي وزير وٽ آهي. ان ڪري موجوده حڪومت کان مطالبو ٿو ڪجي ته مٿي ڪڻڪ جي پوکائيءَ ۾ دير جي زميوارن سميت زرعي ڀاڻ جي ڪوٽ بليڪ مارڪيٽنگ سميت غير معياري ڪڻڪ جي پوکائيءَ واري ٻج جي زميوارن جي تحقيقات ڪرائي سندن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ اهو به ريڪارڊ تي هجڻ کپي ته ڪڻڪ جي پوکائي جي گهٽتائيءَ جا سياڻي زميوار به پڻ اهي ڪرپٽ عملدار پڻ هوندا جنهن ڪري سنڌ جي زراعت تباهه پئي ٿي

زراعت کاتي متعلق آيل خبرن موجب تازو آيل سيڪريٽري زراعت ڀاڻ ۽ ٻج جي ڪوٽ ۽ جي زميوار طور ميرپورخاص ڊويزن جي زميوار عملدارن کي هٽائي معطلي جي سزا ڏئي کين سيڪريٽريٽ ۾ حاضري جو پابند بنايو آهي جڏهن ته گذريل ڏيڍ هفتي کان وٺي اهي پوسٽون خالي پيون آهن!!! کاتي جي هڪ زميوار عملدار ٻڌايو آهي ته جڏهن ته سکر جا زراعت کاتي جا عملدار ان سموري ڀاڻ ڪوٽ جا زميوار آهن پر زراعت کاتي جي اعلي اختيارين کي وري ميرپور خاص ٽارگيٽ ۾ رهيو!!

بقايا ❊❊❊ 01

بنديال بئنچ ۾ هو. جسٽس سردار طارق ۽ جسٽس اعجازالاحسن به بئنچ ۾ هئا. مون کي هن بئنچ ۾ به ڪنهن تي اعتراض ناهي. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته اڳوڻي جا 3 ميمبر رٽائر ٿي چڪا آهن. سرڪار طرفان ڪير آهي؟ جنهن تي اٽارني جنرل روسٽرم تي اچي ويو. وفاقي حڪومت شوڪت عزيز صديقي جون درخواستون ٻڌڻ جوڳيون هجڻ تي اعتراض اٿاريندي چيو ته شوڪت عزيز صديقي جون درخواستون ٻڌڻي جوڳيون هجڻ جي مخالفت ڪيون ٿا. چيف جسٽس چيو ته پريڪٽس اينڊ پروسيجر قانون بڻجي چڪو آهي. صحافين کي به ڏسڻ گهرجي ته قانون موجب بئنچون ٺهنديون آهن. موبائل پڪڙي هر ڪو صحافي ناهي بڻجي ويندو پر صحافي جو وڏو درجو هوندو آهي. ملڪ ۾ جمهوريت اچي رهي آهي ته عدليا ۾ به جمهوريت اچي رهي آهي. حامد خان اڳوڻي جج شوڪت عزيز صديقي جي تقرير جو ٽرانسڪرپٽ پڙهي ٻڌايو ۽ چيو ته سندس اصيل کي چيو ويو جيڪڏهن توهان ان جي خواهش موجب فيصلو ٻڌائي ڇڏيو ته توهان کي چيف جسٽس بڻايو ويندو. جنهن تي چيف جسٽس حامد خان کي ٽوڪيندي چيو ته جيڪڏهن توهان ڪنهن تي الزام لڳائي رهيا آهيو ته ان کي توهان کي پارٽي بڻائڻ گهرجي. حامد خان چيو ته اسان کي ان وقت موقعو نه ڏنو ويو هو. چيف جسٽس چيو هاڻ ته توهان وٽ موقعو به آهي. چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته جيڪڏهن توهان ڪنهن تي الزام هڻي رهيا آهيو ته اينرو ته هجڻ گهرجي جو اسان انهن کي به ٻڌون. ٿي سگهي ٿو ته هو اچي مڃي وڃي يا ٿي سگهي ٿو ته هو اچي پنهنجو ڪو موقف پيش ڪري. منهنجو اصول آهي ته جنهن تي الزام هڻو ته ان کي به ٻڌو، ٿي سگهي ٿو ته هو الزامن کي تسليم ڪري. جيڪڏهن ڪنهن شخص کي ڌر نٿا بڻايو ته ان شخص جو نالو نه کڻجو. چيف جسٽس چيو تباهي اها آهي ته اسان شخصيتن کي برو ناهيون چوندا ۽ اداري کي برو چوندا آهيون. ادارا ته اهي ئي رهندا آهن. اداري کي ماڻهو هلائيندا آهن. ادارن ۾ سٺا ۽ برا ماڻهو به هوندا آهن. جسٽس جمال خان مندوخيل پڇائو ڪيو ته توهان جو الزام هڪ شخص تي آهي يا اداري تي؟ جنهن تي حامد خان چيو ته مان الڳ درخواست ۾ فيض حميد ۽ آءِ ايس آءِ جي برگيڊيئر جو گهر اچڻ جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن تي چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته جڏهن توهان جو الزام هڪ فرد تي آهي ته ان کي ڌر ته بڻايو. سپريم ڪورٽ اڳوڻي ڊي جي آءِ ايس آءِ فيض حميد سميت ٻين کي ڪيس ۾ ڌر بڻائڻ لاءِ هڪ ڏينهن جي مهلت ڏيندي ڪيس جي ٻڌڻي سياڻي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا ❊❊❊ 02

ڪاشف الدين، عمران بخاري ۽ اعزازالله شامل آهن.

بقايا ❊❊❊ 03

ڪري ملوث ڪردارن کي پاڪستان جي حوالي ڪري. هفتيوار بريفنگ دوران پرڏيهي وزارت جي ترجمان چيو ته پاڪستان ڊيره اسماعيل خان حملي جا ثبوت افغان اختيارين جي حوالي ڪيا آهن. افغانستان ڊيره اسماعيل خان حملي جي آزادانه ۽ شفاف جاچ ڪري. ترجمان چيو آهي ته پاڪستان ڪافي سالن کان دهشتگردي جو شڪار آهي. اسان جي سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي جو نشانو بڻجي رهي آهي. ٽي ٽي پي سميت ٻين دهشتگردن جون پناهه گاهون افغانستان ۾ آهن. افغان زمين پاڪستان جي خلاف استعمال ٿي رهي آهي ان ڪري افغان عبوري حڪومت دهشتگرد گروپن جي خلاف ڪارروائي ڪري. پاڪستان جون ٽي ٽي پي سان ڪنهن به قسم جون ڳالهيون نه ٿي رهيون آهن. هن وڌيڪ چيو ته آرمي چيف جي آمريڪي دوري ۾ پاڪستاني پرڏيهي وزارت جو ڪردار شامل آهي. آرمي چيف جون آمريڪا ۾ لاڳاپيل عسڪري ۽ حڪومتي عهديدارن سان ملاقاتون شيڊول آهن. ترجمان چيو ته پاڪستان غزه جي حق ۾ سيڪيورٽي ڪونسل جي قرارداد جي حمايت ۽ اسرائيلي بربريت جي مذمت ڪري ٿي. ڪشمير مسئلي جو حل سلامتي ڪونسل جي قراردادن ۾ آهي. ڀارت ڪشميرين جا حق ڪاٽڻ ۾ مصروف آهي. پاڪستان مسئلي جي حل لاءِ عالمي سطح تي ڪوششون جاري رکندو

بقايا ❊❊❊ 04

انصاف جو سينيئر نائب صدر شير افضل مروت لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ شرڪت لاءِ پهتو هو جتي هن وڪيلن کي خطاب ڪيو ۽ صحافين سان به ڳالهه ٻولهه ڪئي. ذريعن ٻڌايو آهي ته لاهور هاءِ ڪورٽ مان واپسي تي کيس جي پي او چوڪ تان گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس ذريعن موجب شير افضل مروت کي ٿري ايم پي او جي تحت گرفتار ڪيو ويو آهي جنهن کان پوءِ کيس نامعلوم هنڌ تي منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا ❊❊❊ 05

رهي سگهي. ڪشميرين جي طاقت جي زور تي زير ڪرڻ جو ڀارتي خواب ڪڏهن پورو نه ٿيندو. دنيا کي ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته اسان پنهنجي مفاد ۽ سالميت تي ڪوتاهه نه ڪنداسين. پاڪستان تي ڪشمير جي ڪري ٽي جنگيون مڙهيون ويون. جيڪڏهن 300 ڀيرا به جنگ مڙهي وئي ته اسان اها جنگ وڙهنداسين. ڪنهن جي ذهن ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو خدشو آهي ته اهو ختم ڪري ڇڏي. اهڙن خيالن جو اظهار هن آزاد جمون ۽ ڪشمير قانونساز اسيمبلي کي خطاب ڪندي ڪيو. نگران وزيراعظم چيو ته ايوان ۾ گهرائڻ تي ٿورا ادا ڪريان ٿو. پهريون نگران وزيراعظم آهيان جنهن کي آزاد ڪشمير جي قانونساز اسيمبلي ۾ خطاب جي دعوت ڏني وئي. هڪ سال جي مختصر عرصي ۾ ٽيون پاڪستاني ليڊر آهيان جنهن کي آزاد جمون ۽ ڪشمير قانونساز اسيمبلي کي خطاب جو موقعو ملي رهيو آهي. ان سان آزاد جمون ۽ ڪشمير جي عوام ۽ قيادت سان مضبوط وابستگي جي عڪاسي ٿئي ٿي. هن چيو ته ڪشميري عوام بي پناهه خوبين جي مالڪ آهي. ان ڏکڻ ايشيا ۾ مختلف شعبن ۾ شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. ان سان گڏوگڏ هن ظلم ۽ ڏاڍ کي به منهن ڏنو آهي. سرحد پار لکين ڪشميري عوام پنهنجي جائز خواهشن جي تڪميل جي لاءِ ناجائز قبضي کان ڇوٽڪاري جي لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن. علامه اقبال به پنهنجي شاعري ۾ ڪشميرين جي خراب حالت کي بيان ڪيو آهي. هن چيو ته ڪشمير مسئلو گڏيل قومن ۾ گذريل 7 ڏهاڪن کان حل طلب آهي ۽ اهو 1948ع کان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ايجنڊا تي آهي. گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن ۾ والاريل ڪشمير جي عوام جي خودمختياري جي حق کي تسليم ڪيو ويو آهي پر افسوس جي ڳالهه آهي ته 7 ڏهاڪن کان وڌيڪ گذرڻ جي باوجود انهن قراردادن تي عملدرآمد نه ٿي سگهيو ۽ ان جي بدران ڀارت جي موجوده حڪومت والاريل ڪشمير تي پنهنجي قبضي کي مضبوط بڻائڻ جي لاءِ عالمي سطح تي مڃيل ان تڪراري علائقي ۾ قانونسازي ۽ ڪيترائي انتظامي قدم کنيا آهن. هن چيو ته اهو ڀارت ئي هو جيڪو جمون ۽ ڪشمير جو تڪرار گڏيل قومن ۾ کڻي ويو هو ۽ ان وقت جي ڀارت جي وزيراعظم پنڊت جواهر لعل نهرو ڪيترن ئي موقعن تي پنهنجي مرضي سان ڪشميري عوام کي ريفرنڊم جو حق ڏيڻ جي خاطري ڪرائي. ان ڪانپوءِ به ايندڙ ڀارتي حڪومتون جمون ۽ ڪشمير کي تڪراري علائقو تسليم ڪيو آهي. موجوده ڀارتي حڪومت انهن واعدن تان ڪيئن پٺتي هٽي سگهي ٿي. ڀارت کي گڏيل قومن، پاڪستان ۽ سڀ کان وڌيڪ ڪشميري عوام جي ريفرنڊم جي واعدن کي پورو ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جون قراردادون اڃا تائين موجود آهن ۽ وقت گذرڻ سان انهن جي اهميت گهٽ ناهي ٿي. نگران وزيراعظم چيو ته غيرملڪي قبضي جي خلاف ڪشميرين جي جدوجهد جي هن نازڪ موقعي تي پاڪستان پاران هو اٽل حمايت جو ورجاءُ ڪن ٿا. نگران وزيراعظم چيو ته هو ڪشميرين سان سنگين ناانصافي جي خلاف يڪجهتي جي اظهار لاءِ هتي آيو آهي. والاريل ڪشمير ۾ ڪشميرين تي ڀارتي ظلم ۽ ڏاڍ جاري آهي. ٽي ڏينهن اڳ ڀارتي سپريم ڪورٽ زميني حقيقتن کي نظرانداز ڪندي ڪشمير تي سياسي ارادن تي ٻڌل غيرقانوني ۽ غيرمنصفاڻو فيصلو ڏنو آهي ۽ ڀارتي حڪومت 5 آگسٽ 2019ع جي غيرقانوني ۽ هڪطرفي قدم کي جائز قرار ڏنو آهي، اهو غيرمنصفاڻو فيصلو سڀ کان وڏي نام نهاد جمهوريت جي سپريم ڪورٽ ڏنو آهي. هن چيو ته ڀارت جي منظم انداز ۾ اقليتن کي نشانو بڻايو پيو وڃي. رياستي سرپرستي ۾ فوتگين ۽ دهشتگردي جو سلسلو جاري آهي ۽ دنيا جي اها نام نهاد جمهوريت ڪشميري عوام کي پنهنجي مرضي سان فيصلو ڪرڻ جي لاءِ ريفرنڊم جو حق ڏيڻ کان خوفزده آهي. هن چيو ته ڀارت جو 5 آگسٽ 2019ع جو غيرقانوني ۽ هڪطرفو قدم ۽ ان کانپوءِ کنيل قدمن جو مقصد والاريل ڪشمير ۾ آبادي جو تناسب ۽ سياسي جاگرافيائي تبديل ڪرڻ آهي. اهي قدم عالمي قانون ۽ جمون ۽ ڪشمير بابت گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن ۽ چوٿين جنيوا ڪنوينشن جي واضح خلاف ورزي آهن ۽ ڀارت ڪشميرين کي انهن جي پنهنجي سرزمين کان محروم ڪرڻ چاهي ٿو. ڀارت پاڻ اهو تسليم ڪري چڪو آهي ته والاريل ڪشمير جي حيثيت جو تعين جمهوري طريقي سان گڏيل قومن جي انتظام تحت آزاداڻي ۽ غيرجانبداراڻي ريفرنڊم جي ذريعي ڪشميري عوام پنهنجي مرضي سان پاڻ ڪندي. هن چيو ته انتظامي قدمن ۽ عدالتي فيصلن سان ڀارت گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن موجب پنهنجي ذميوارين کان آجو نٿو ٿي سگهي. هڪ طرف ڀارت گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جو مستقل ميمبر بڻجڻ جو خواهشمند آهي. ٻئي طرف عالمي قانون ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن جي خلاف ورزي ڪري رهيو آهي ۽ ان سان هندوتوا نظريي جو پتو پوي ٿو. هن چيو ته گڏيل قومن موجب جمون ۽ ڪشمير جو مسئلو رڳو ڪشميرين جي ريفرنڊم سان حل ٿيندو. ڀارتي سپريم ڪورٽ جو فيصلو ڪشمير تي پنهنجي قبضي کي ديگهه ڏيڻ جي لاءِ آهي. ڪشميرين ڀارتي قدمن کي رد ڪري ڇڏيو آهي. ڪشميرين کي طاقت جي زور تي زير ڪرڻ جو ڀارتي خواب ڪڏهن پورو نه ٿيندو. هن چيو ته پاڪستان ڪشميرين جي آزادي جي تحريڪ جي مڪمل حمايت ڪري ٿو. ڀارتي فوج جي پيلٽ گنز جي استعمال سان لکين ڪشميرين جون اکيون ضايع ٿي چڪيون آهن. هزارين ڪشميرين کي شهيد ڪيو ويو آهي ۽ هزارين گهر ڪيرايا ويا آهن. عورتن جي بي حرمتي ڪئي پئي وڃي ۽ گڏيل قومن جي رپورٽس ۾ به انساني حقن جي خلاف ورزين کي بيان ڪيو ويو آهي. هن چيو ته والاريل ڪشمير ۾ شهادتن ۽ ڪشميري اڳواڻن کي غيرقانوني طور تي حراست ۾ رکڻ ۽ بنيادي ڍانچي کي تباهه ڪرڻ جي باوجود ڀارت ڪشميرين جي آزادي جي جذبي کي دٻائي نه ٿو سگهي. دنيا کي پنهنجو ڪردار ادا ڪندي ڪشمير مسئلي جي حل لاءِ ڪوشش ڪرڻي پوندي. ڪيستائين ڪشميرين جي آواز کي دٻائبو رهبو. ڪيستائين ڀارت جي رياستي دهشتگردي جاري رهندي؟ هن چيو ته ڀارت ڪشميري ليڊر سيد علي گيلاني جي لاش کان به ان کان خوفزده رهيو آهي. ڪجهه مهينا اڳ حريت اڳواڻ ياسين ملڪ کي موت جي سزا ٻڌائي وئي. اهڙيون سزائون رڳو ڪٺ پتلي عدالتون ئي ٻڌائي سگهن ٿيون. خوف ۽ ڏاڍ جي فضا ۾ ترقي ۽ خوشحالي ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿي. نگران وزيراعظم چيو ته ڪشمير پاڪستان جي شهه رڳ آهي. اسان ڪشمير مسئلي جي منصفاڻي حل جي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهنداسين. ڪشمير مسئلي جي حل لاءِ پاڪستاني ليڊرشپ ڪشميري قيادت سان گڏ بيٺل آهي. اسان ڪيترائي ڀيرا ڪشمير مسئلي سميت سمورن معاملن کي افهام تفهيم سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ڀارت سدائين هٺ ڌرمي جو مظاهرو ڪيو هن چيو ته آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان بابت ڀارتي سياسي اڳواڻ زهر اوڳاڇيندا رهندا آهن. دنيا کي ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته اسان پنهنجي مفاد ۽ سالميت تي ڪوتاهه نه ڪنداسين. ڀارت ڪڏهن به آزاد مبصرن ۽ عالمي ميڊيا کي والاريل ڪشمير تائين پهچ نه ڏني. هن چيو ته پاڪستان ڪشميرين جي سياسي، اخلاقي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو. ڪشمير مسئلي جي حل کانسواءِ تڪميل پاڪستان ممڪن نه آهي. اهو منهنجي پنهنجي زمين، پنهنجي ماڻهن جو ڪيس آهي. پاڪستان ڪشمير مسئلي جو وڪيل آهي. هن چيو ته والاريل ڪشمير ۾ جيڪي قربانيون ڪشميرين ڏنيون آهن انهن کي وساري نٿو سگهجي. اسان سڀ توهان جا مقروض آهيون. برهان واني سميت ڪشميرين جون شهادتون آزادي جي ضامن آهن. هن چيو ته اسان جو مقابلو هندوتوا سان آهي. هندو مذهب کان اسان کي ڪو مسئلو نه آهي. پاڪستان ۾ هندو برادري پاڪستان جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. ڀارت ۾ اقليتن سان اڻوڻندڙ سلوڪ ٿي رهيو آهي. نگران وزيراعظم چيو ته پاڪستان تي ڪشمير جي ڪري ٽي جنگيون مڙهيون ويون. جيڪڏهن 300 ڀيرا به جنگ مڙهي وئي ته اسان اها جنگ وڙهنداسين. ڪنهن جي ذهن ۾ ڪنهن قسم جو ڪو خدشو آهي ته اهو ختم ڪري ڇڏي. هن چيو ته ڪشميري سياسي اڳواڻن جي تجويزن کي پليڪار چونداسين.

بقايا ❊❊❊ 06

ڪيو قوم سان خطاب ڪندي نواز شريف چيو ته عدالت مون کي هر الزام مان بري ڪيو. مون کي پٽ کان پگهار نه وٺڻ تي وزارت عظميٰ تان هٽايو ويو. نيب کي منهنجي خلاف ٽي ريفرنس داخل ڪرڻ جو چيو ويو. مون کي سسلين مافيا ۽ گاڊ فادر چيو ويو پر ان شرمناڪ راند پويان سڀ چهرا وائکا ٿي ويا. هن چيو ته مون کي هٽائي ڪنهن لاڏلي کي آڻڻ لاءِ پاڪستان کي سزا ڇو ڏني وئي. دشمني ته نواز شريف سان هئي. ان کي جيل ۾ به وڌو ويو پر عوام کي ڇو سزا ڏني وئي. سندس چوڻ هو ته مون کي حقيقي خوشي ان وقت ملندي جڏهن عوام جون سزائون ختم ٿينديون. جڏهن انهن مهانگائي جي عذاب مان جان ڇٽندي جڏهن نوجوانن کي روزگار ملندو ۽ بيمارن کي دوائون ملنديون. نواز شريف عوام کي مخاطب ٿيندي چيو ته توهان پاڻ جج آهيو ۽ مون کي اميد آهي ته توهان 8 فيبروري تي پنهنجو فيصلو ٻڌائيندو ۽ پنهنجي سزائن جو خاتمو ڪندئو

بقايا ❊❊❊ 07

ڊي آراوز ۽ رٽرننگ آفيسرن (آراوز) جي ٽريننگ روڪي ڇڏي. ذريعن ان حوالي تان تازي ترين صورتحال بابت تصديق ڪئي ته اليڪشن ڪميشن ڊي آراوز ۽ آر اوز جي ٽريننگ روڪي ڇڏي آهي.

بقايا ❊❊❊ 08

دفاع واري وزير لائيڊ آسٽن آرمي چيف جنرل عاصم منير جي پينٽاگون ۾ ميزباني ڪئي. آمريڪي اختيارين ٻڌايو آهي ته ملاقات جي دوران علائقائي سلامتي بابت تازي اڀرائي تي ڳالهيون ٻڌ ڪيون ويون. ٻطرفي دفاعي تعاون جي امڪاني شعبن تي خيالن جي ڏي وٺ پڻ ڪئي وئي. ياد رهي ته جنرل سيد عاصم منير جو آرمي چيف جو عهدو سنڀالڻ کان پوءِ آمريڪا جو اهو پهريون دورو آهي.

بقايا ❊❊❊ 09

. ڊي آئي جي لاڙڪاڻا ناصر آفتاب ۽ ايس ايس پي شڪارپور ڊاڪٽر محمد عمران خان آءِ جي سنڌ رفعت مختار راجا جو استقبال ڪيو ايس ايس پي آفيس پهچڻ تي آءِ جي سنڌ کي پوليس جي چاڪ و چوبند دستي جنرل سلام پيش ڪئي. آئي جي سنڌ ٻين سينئر آفيسرن سميت شهيدن جي يادگار تي فاتحه خواني ڪئي. دوري دوران آئي جي سنڌ جي صدارت هيٺ ايس ايس پي آفيس شڪارپور ۾ اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻا ناصر آفتاب. ڊي آءِ جي سکر عبدالحميد کوسو، ايس ايس پي ڪشمور روحل کوسو، ايس ايس پي اسپيشل برانچ لاڙڪاڻا منصور احمد مغل ۽ ايس ايس پي سٽي شڪارپور محمد عثمان خان شرڪت ڪئي. ايس ايس پي شڪارپور ڊاڪٽر محمد عمران خان آئي جي سنڌ کي ضلعي شڪارپور جي ڪچي ۽ امن و امان جي حوالي سان بريفنگ ڏني. ان موقعي تي آءِ جي سنڌ چيو ته ڪچي ۽ پڪي جي علائقن ۾ ڌاڙيل پيشور ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي آپريشن ۾ پوليس سان گڏ رينجرز به حصو وٺندي ان سان گڏوگڏ ڪچي ۽ پڪي جي علائقن کي ڌاڙيلن کان محفوظ بڻائڻو آهي آءِ جي سنڌ دوري دوران چيو ته ڪچي ۾ امن امان کي يقيني بڻايو ويندو ڌاڙيلن جي خلاف جديد هٿيارن سان آپريشن ڪيو ويندو. آئي جي سنڌ چيو ته ڌاڙيلن جي سهولتڪارن ۽ مددگارن جي خلاف به سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ڪچي ۽ پڪي مان ڌاڙيلن جو خاتمو ڪرڻ ۽ عوام جي جان و مال جو تحفظ ڪرڻ سنڌ پوليس جي ترجيحات ۾ شامل آهي. ڌاڙيلن جي خاتمي تائين ڪچي ۾ آپريشن جاري رهندو

بقايا ❊❊❊ 10

ختم ڪرڻ جي سازش آهي. پي ٽي آءِ جون درخواستون چونڊن کان فرار ٿيڻ جي منصوبه بندي آهن ۽ سائفرجيان پي ٽي آءِ 8 فيبروري جي عام چونڊن جي خلاف سازش ڪري رهي آهي. مسلم ليگ(ن) جي صدر اهو به چيو ته پي ٽي آءِ هميشه پنهنجي ٻٽي ۽ منافقن واري پاليسي تي عمل ڪري رهي آهي. پي ٽي آءِ ميڊيا ۾ چونڊون جلد ڪرائڻ جڏهن ته عدالتن ۾ چونڊون التوا لاءِ پٽيشن داخل ڪري رهي آهي. 2018 جي چونڊن ۾ به بيورو ڪريسي ٿي ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسرن جي ذميواري نڀائي هئي پر ان وقت پي ٽي آءِ اعتراض نه ڪيو هو. شهباز شريف چيو ته ڊي آر اوز جي خلاف درخواست ڪئي پي ٽي آءِ لاهور هاءِ ڪورٽ وئي. 8 فيبروري 2024 جي چونڊن ۾ دير ٿي ته ان جي ذميوار پي ٽي آءِ هوندي. سائفر ۾ عوام جي آڏو ڪجهه چيو. جاچ ۾ ڪجهه ٻيو چيو ويو. پي ٽي آءِ ساڳئي منافقت چونڊن ۾ به ڪري رهي آهي. هن وڌيڪ چيو ته آءِ ايم ايف پروگرام بابت به پي ٽي آءِ اهڙيون سازشون ڪري رهي هئي پي ٽي آءِ ملڪ ۾ آئيني بحران پيدا ڪري سياسي عدم استحڪام چاهي ٿي پي ٽي آءِ نٿي چاهي ته ملڪ معاشي طور تي مضبوط ٿئي ۽ عوام جون معاشي پريشانيون ختم ٿين.

بقايا ❊❊❊ 11

۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. توهان جا الزام لڳايو. جيڪڏهن سپريم ڪورٽ چوي ته شيون سامهون اچڻ گهرجن. ڇا ثبوت آهن؟ جواب ۾ هن چيو ته ثبوت اڳي ئي ڏنا ويا آهن. الزامن کي رد نه ڪرڻ پاڻ ۾ وڏو ثبوت آهي. هن کان پڇيو ويو ته مستقبل ۾ عدليه کي ٻاهرين دٻاءَ کان آزاد ڪرڻ لاءِ ڇا ڪري سگهجي ٿو؟ شوڪت عزيز صديقي چيو ته ائين ٿي سگهي ٿو. سپريم ڪورٽ انڪوائري ڪميشن ناهي ۽ جاچ جي هدايت ڏئي. هن کان پڇيو ويو ته ڇا ان دوران توهان تي ڪو دٻاءُ هو؟ شوڪت عزيز صديقي جواب ڏنو ته گذريل 5 سالن ۾ مون ۽ منهنجي خاندان تمام ڏکيا حالات ڏٺا آهن.

بقايا ❊❊❊ 12

ته ميڊيا جو جيل ۾ هجڻ ضروري هو پر ميڊيا کي اندر وڃڻ جي اجازت نه ڏني وئي. هن چيو ته پي ٽي آءِ کي به ذوالفقار علي ڀٽو جي رستي تي آندو پيو وڃي. عمران خان جي ڪيس کي جنهن تيزي سان اڳيان ڪيو پيو وڃي اهڙي ٻڌڻي کان وڏو مذاق ٿي نٿو سگهي. عليمه خان وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ باني عمران خان جا پٽ سليمان، قاسم ۽ سندس ڀيڻ گهر ڀاتي برطانيه ۾ ڪيس داخل ڪندا. اسان کي ڏک آهي ته اسان هاڻ عالمي عدالتن ۾ وڃي رهيا آهيون. ڪجهه به ٿي پوي اسان پي ٽي آءِ باني کي ڦاهي جي ڦندي کان بچائينداسين چو ته موت جي سزا عمران خان کي نه پر عوام کي ملي رهي آهي. هن چيو ته اسان ڊونلڊ لُو جي خلاف به ڪيس آمريڪا ۾ داخل ڪنداسين. جنرل باجوه عوام جي چونڊيل حڪومت کي ڪيرايو. جنرل باجوه، حسين حقاني ۽ ڊونلڊ لو ان ۾ ملوث آهن. آمريڪي حڪومت ٻڌائي ته ڊونلڊ لو ڪهڙو پيغام ڏنو هو

بقايا ❊❊❊ 13

بنيادن تي پاليسي جوڙڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته ٻارن جي گهٽ پيدائش لاءِ ملڪ ۾ وڏي پئماني تي پروگرام شروع ڪيو وڃي. ٻارن جي پيدائش ۾ گهٽتائي جي حوصلا افزائي ڪئي وڃي. آبادي ۾ واڌ روڪڻ لاءِ فيملي پلاننگ جون خدمتون فراهم ڪيون وڃن. رپورٽ ۾ تجويز ڏني وئي آهي ته ٻارن جي پيدائش ۾ گهٽتائي ۽ وقفي لاءِ فيملي پلاننگ جون خدمتون ڏنيون وڃن ۽ صحت جي بهتري لاءِ قدم کنيا وڃن. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته ڪنهن به صوبي ۾ ٻارن جي پيدائش ۾ گهٽتائي جو رجحان نه ڏٺو ويو رپورٽ ۾ سفارش ڪئي وئي آهي ته صحت ۽ تعليم جي بجيٽ وڌائي وڃي. فائديمند ملازمتن جا موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن.

بقايا ❊❊❊ 14

۾ آهي. فوزيا صديقي ڀيڻ عافيه صديقي سان آمريڪا ۾ ملاقات ڪرڻ کان پوءِ ڪراچي پهتي. ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي فوزيا صديقي جو چوڻ هو ته عافيا صديقي جي جسم تي ڀيريان کان وڌيڪ زخم هئا. ملاقات کي مختصر رکيو ويو. 8 ڪلاڪن جي دوري دوران رڳو رڳو 3 ڪلاڪ ملاقات ٿي. سندس چوڻ هو ته هن جي وڪيل ٻڌايو ته ڊاڪٽر عافيه صديقي سان تمام خراب ورتاءُ ڪيو پيو وڃي ڪيس ڀيڻ کي ڏسي تمام گهڻو ڏک ٿيو آهي.

بقايا ❊❊❊ 15

يقيني بڻائڻ آهي. ايوان صدر جي پريس ونگ موجب آرڊيننس جي مدد سان نجڪاري ڪميشن آرڊيننس 2000ع جي شق نمبر 28 کان شق نمبر 33 ۾ ترميمون ڪيون ويون آهن. آرڊيننس جو مقصد نجڪاري اپيليٽ ٽربيونل جو قيام عمل ۾ آڻڻ آهي. نجڪاري اپيليٽ ٽربيونل وٽ نجڪاري بابت ديواني ۽ فوجداري معاملن تي ٻڌڻي ۽ فيصلن جو اختيار هوندو. نجڪاري ڪميشن آرڊيننس 2000ع ۾ ملڪي هاءِ ڪورٽس کي ڏنل اختيار هاڻي نجڪاري اپيليٽ ٽربيونل کي منتقل ڪيا ويا آهن. آرڊيننس کان اڳ ملڪ جي سمورين هاءِ ڪورٽس کي نجڪاري معاملن ۾ هڪ ئي وقت دائره اختيار حاصل هو آرڊيننس تحت وفاقي حڪومت ٽن ميمبرن تي ٻڌل نجڪاري اپيليٽ ٽربيونل قائم ڪندي. صدر حڪومت پاران تجويز ڪيل ترميمي آرڊيننس کي سيڪشن 28 جي ذيلي سيڪشن 2(چار) ۾ تبديلي ڪانپوءِ منظور ڪيو. صدر تجويز ڪيل حڪومتي آرڊيننس ۾ اپيليٽ ٽربيونل جو چيئرپرسن هاءِ ڪورٽ جي رٽائرڊ جج بدران سپريم ڪورٽ جو رٽائرڊ جج لڳائڻ جي تبديلي ڪئي. آرڊيننس تحت سپريم ڪورٽ جو رٽائرڊ جج نجڪاري ٽربيونل جو چيئرپرسن هوندو. اپيليٽ ٽربيونل جو هڪ ٽيڪنيڪل ميمبر ۽ هڪ جوڊيشل ميمبر پڻ هوندو. اپيليٽ ٽربيونل جي فيصلن جي خلاف اپيل جي ٻڌڻي جو اختيار سپريم ڪورٽ آف پاڪستان وٽ هوندو. نجڪاري اپيليٽ ٽربيونل جي فيصلي کان متاثر ڪو به شخص 60 ڏينهن جي اندر سپريم ڪورٽ آڏو اپيل داخل ڪري سگهي ٿو. نجڪاري ڪميشن آرڊيننس 2000ع جا سيڪشن 30 ۽ 33 ختم ڪيا ويا آهن. صدر آرڊيننس آئين جي آرٽيڪل 89 هڪ تحت جاري ڪيو.

بقايا ❊❊❊ 16

ڪيو هو. ڪنٽونمينٽ بورڊ جنوري 2019 ۾ پراپرٽي ٽيڪس جي وصولي لاءِ دٻاءُ وجهڻ شروع ڪري ڇڏيو ڪنٽونمينٽ بورڊ پراپرٽي ٽيڪس وصول نٿو ڪري سگهي. درخواستگذار جي وڪيل چيو ته آئين جي آرٽيڪل 142 تحت پراپرٽي ٽيڪس وصول نٿو ڪري سگهجي. 18هين ترميم کانپوءِ ڪنڪرنٽ لسٽ ۽ فورٿ شيڊيول ختم ڪيو ويو هو 18هين ترميم کانپوءِ ڪنٽونمينٽ بورڊز ٽول فيس ۽ پراپرٽي ٽيڪس وغيرا وصول ڪرڻ جو اختيار ڪيو ويو هو. عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ ڪنٽونمينٽ بورڊن طرفان پراپرٽي ٽيڪس وصولي کي غيرقانوني قرار ڏئي ڇڏيو ۽ چيو ته 18هين ترميم کانپوءِ ڪنٽونمينٽ بورڊز جيڪي ٽيڪس ورتا آهن. رهائشي واپس وٺي سگهن ٿا. پر عدالت ڪنٽونمينٽ بورڊن جي وڪيل جي اپيل تي فيصلي تي عملدرآمد ٽن ڏينهن لاءِ معطل ڪري ڇڏيو.

بقايا ❊❊❊ 17

چڪي شاهدين رڪارڊ ٿيڻيون آهن ۽ شاهدين رڪارڊ ڪرڻ وقت سيڪريسي کي نظر ۾ رکيو وڃي. ان دوران شاهه محمود قريشي جي وڪيل علي بخاري چيو ته اسان جيل ٽرائل جو نوٽيفڪيشن هاءِ ڪورٽ ۾ چيلنج ڪيو هو. هاءِ ڪورٽ نوٽيفڪيشن ڪالعدم قرار ڏئي اوپن ٽرائل جو حڪم ڏنو هو. اسان کي ميڊيا کان خبر پئي ته فرد جرم لاڳو ڪيو ويو آهي. ان تي جج علي بخاري پڇيو ته توهان ٻڌڻي دوران ڪٿي هئا؟ سڀني جي سامهون چارج فريم ٿيو هو فرد جرم عدالت ۾ پڙهي ٻڌايو ويو هو عدالت پراسيڪيوشن جي اپيل منظور ڪندي سائفر ڪيس جي ان ڪئميرا ٻڌڻي جي درخواست منظور ڪري ورتي. عدالت چيو ته رڳو جوابدارن جي فيملي ميمبرن کي ٻڌڻي دوران عدالتي ڪمري ۾ پهچ ڏني وڃي.

بقايا ❊❊❊ 18

نيازي خلاف بجلي چوري جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ايف آءِ آر موجب عبدالمجيد نيازي گهر ۾ ڊائريڪٽ ڪنڊو لڳائي بجلي چوري ۾ ملوث نڪتو آهي. واضح رهي ته مجيد نيازي 9 مئي جي پرتشدد واقعن کانپوءِ روپوش آهي ان کان اڳ لاهور ۾ ن ليگ جي اڳوڻي اسيمبلي ميمبر رخسانه ڪوثر بجلي چوري ۾ پڪڙي وئي هئي. ليسڪو رخسانه ڪوثر خلاف ڪيس داخل ڪيو هو جڏهن ته ان تي 5 لک 75 هزار رپيا ڏنڊ به هنيو ويو هو

بقايا ❊❊❊ 19

ويو آهي. پي ٽي سي ايل ڪمپني جلد ٽيليڪام ڪمپني (ٽيلينار) جا 100 سيڪڙو شيئرز خريد ڪندي. ذريعن موجب ڪمپني جي خريداري جو عمل 2024ع ۾ مڪمل ٿي ويندو. ڪمپني جي وڪري جو عمل ضابطن جي منظوري سان مشروط ڪير ويندو. پي ٽي سي ايل پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب ٽيلينار پاڪستان جي 100 سيڪڙو شيئرز جي خريداري جو معاهدو طئي ٿي ويو آهي. 100 سيڪڙو شيئرز جي خريداري 108 ارب رپيا هوندي. پي ٽي سي ايل پنهنجي انسٽاگرام اڪائونٽ تي ان حوالي سان تصديق ڪئي آهي.

بقايا ❊❊❊ 20

آهي. سنڌ بار ايسوسيئيشن جو هنگامي اجلاس ٿيو. جنهن جو پڌرنامو پڻ جاري ڪيو ويو پڌرنامي ۾ چيو ويو آهي ته فوجي عدالتن ۾ سولين جا ٽرائل هڪ متوازي عدالتي نظام کي هلائڻو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسي ايشن چيو آهي ته فوجي عدالتن ۾ عام ماڻهن جا ڪيس هلڻ سان عوام جو عدليه تي اعتماد گهٽجي ويندو پڌرائي ۾ اهو به چيو ويو آهي ته سپريم ڪورٽ اپيل تي جلد کان جلد آئين ۽ قانون موجب فيصلو ڏئي.

بقايا ❊❊❊ 21

وزارت جي ترجمان ماءُ ننگ چيو آهي ته ڀارت هڪ طرفي ۽ غير قانوني طور لداخ يونين ٽيريٽري قائم ڪري ڇڏيو آهي. هندستاني سرحد جو الهندو حصو هميشه چين جي قبضي ۾ رهيو آهي. ڀارتي عدالت جو فيصلو ان حقيقت کي تبديل نٿو ڪري سگهي. ٻئي طرف ترڪي به ڀارتي سپريم ڪورٽ جي 11 ڊسمبر تي ڏنل فيصلي تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ڪشمير مسئلو ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڇڪتاڻ جو سبب بڻجي رهيو آهي. ڪشمير مسئلو عالمي قانون، گڏيل قومن جي ٺهرائن ۽ ڳالهين ذريعي حل ٿيڻ گهرجي.

بقايا ❊❊❊ 22

تان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڌر جا ٻه ڀاءر غلام نبي عرف وتجهو زرداري ۽ قاسم زرداري جڏهن ته ٻي ڌر جو ارشاد عرف بگو زرداري مارجي ويا جڏهن ته ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي پيا. واقعي جي اطلاع تي پوليس پهچي مقتولن جا مڙهه ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي ڪيا ويا. جهيڙي سبب علائقي ۾ انڌا ڌنڌ فائرن جو سلسلو جاري رهيو پوليس ۽ رينجرز پهچي جهيڙي تي ضابطو آندو آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل ناهي ٿي سگهيو ۽ نه ئي ڪا گرفتاري ٿي سگهي آهي.

بقايا ❊❊❊ 23

دوران جو بائيڊن جي مواخذي واري ٺهراءَ جي حق ۾ 221 ۽ مخالفت ۾ 212 ووٽ پيا. هنٽر بائيڊن ايوان جي ڪميٽي آڏو بند ڪمري ۾ پيشي کان انڪار ڪندي عوام جي سامهون پيش ٿيڻ تي زور ڏئي چڪو آهي. آمريڪي صدر جو بائيڊن ان قدم کي بي بنياد قرار ڏيندي چيو آهي ته ري پبلڪنز ضروري قدمن بدران بي بنياد ڳالهين تي وقت زيان ڪري رهيا آهن. ري پبلڪن ميمبرز پاڻ تسليم ڪري چڪا آهن ته هنن وٽ ثبوت موجود نه آهن تهنڪري ايوان جو اهو قدم بي بنياد آهي. ري پبلڪنز جو الزام آهي ته هنٽر بائيڊن يوڪرين ۽ چين ۾ ڪاروبار ڪيو ۽ پرڏيهي ڪاروباري شخصيتن کي ان وقت جي نائب صدر جو بائيڊن تائين پهچ جي خاطري ڪرائي.

بقايا ❊❊❊ 24

عوامي تحريڪ جي ترجمان موجب اياز لطيف چيو آهي ته سنڌ جي ماڻهن کي ڪرپشن، ٻوڏ جي تباهين، وسيلن جي نيلامي، ڌاڙيل راڄ، تعليم، صحت ۽ زراعت جي تباهين جي حساب وٺڻ جو تاريخي موقعو ملي رهيو آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي امير سنڌ کي بک، بدحالي ۽ بيروزگاري کانسواءِ ڪجهه ناهي ڏنو ڪوهستان ۽ ساحلي پٽي ۾ پکين جو شڪار بند ڪيو وڃي. سنڌ جي معصوم پکين جي مقتل گاهه نه بڻايو وڃي. سندس چوڻ هو ته شفاف چونڊون ملڪ کي بحران مان ڪڍي سگهن ٿيون. پيپلز پارٽي پئسي جي طاقت تي اليڪشن خريد ڪندي آهي ۽ حقيقي عوامي نمائندن کي جعلسازي سان ٻاهر ڪيو وڃي ٿو. هينئر عوامي طاقت سان اليڪشن چوري ٿيڻ نه ڏينداسين. اليڪشن ۾ سنڌ جو عوام ڪرپٽ مافيا زرداري ليگ کي رد ڪري ڇڏيندو.

بقايا ❊❊❊ 25

ڊسمبر تائين جواب جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ايم ڊي ڪيٽ جو پيپر مبينا طور ليڪ ٿيڻ جي حوالي سان شاگردن جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي. شاگردن ايم ڊي ڪيٽ پيپر ليڪ ٿيڻ خلاف داخل درخواست ۾ ڊائو يونيورسٽي جا نتيجا معطل ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي. ڊائو يونيورسٽي انتظاميا جواب جمع ڪرائڻ لاءِ مهلت طلب ڪري ورتي، جنهن تي عدالت ڊائو يونيورسٽي کي 21 ڊسمبر تائين جواب جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

بقايا ❊❊❊ 26

ويل ڳوٺاڻا بي گناهه هئا. ڳوٺاڻا ويچارا ڪراس فائرنگ ۾ مارجي ويا. ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد پرويز چانڊيو چيو ته اصل قاتلن جي ڳولا ڪري رهيا آهيون. ماڙي جلباڻي ۾ موجود هٿيار بندن جا منهن ڍڪيل هئا. واقعي جي ذميوار جوابدارن کي جلد گرفتار ڪنداسين

بقايا ❊❊❊ 27

ڪي جاچ جاري رکڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. درخواست گذار ذوالفقار جلباڻي جي وڪيل عدالت کي آگاهه ڪيو ته پوليس ڪيس کي سي ڪلاس ڪري رپورٽ واڳيل عدالت ۾ جمع ڪرائي آهي. عدالت واڳيل ماجسٽريٽ جي عدالت کي ڪيس سي ڪلاس ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو ڊي آءِ جي کان پڇائو ڪندي چيو ته توهان ڇا ڪري آيا آهيو. عدالت کي ٻڌايو ڊي آءِ جي چيو ته شاهدن جا بيان قلمبند ڪيا آهن ۽ بيانن جو جائزو ورتو آهي پر بيان ڪيس جي حمايت نه ٿا ڪن. ڪيس جو عبوري چالان عدالت ۾ جمع ڪرايو ويو آهي. جسٽس امجد سهتو چيو ته توهان جي ايس ايس پي ٻڌايو هو ته جوابدار نامعلوم آهن. توهان چئي رهيا آهيو ته جوابدارن جا منهن ڍڪيل هئا. درخواست گذار جي وڪيل چيو ته هي ڪڏهن چون ٿا ته ڳوٺاڻن کي مقابلي ۾ ماريو ويو آهي. ڪڏهن چون ٿا ته هنن کي نامعلوم جوابدارن قتل ڪيو آهي. عدالت ڪيس جي جاچ جاري رکڻ جو حڪم ڏيندي ٻڌڻي 15 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا ❊❊❊ 28

کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ اسپتال داخل ڪيو ويو آهي. ڪراچي ڪورنگي سٽو ڪوارٽر سي ايريا ۾ زال مڙس گهر جي مالڪ طرفان گهر خالي ڪرڻ جي مطالبي تي آپگهات جي ڪوشش ڪئي. واقعي ۾ سڙندڙ عورت ۽ سندس مڙس کي ڳڻتيءَ جوڳي حالت ۾ اسپتال نيو ويو. جتي سندن علاج هلندڙ آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته شروعاتي جاچ موجب مسواڙ تي رهندڙ جوڙي خراب معاشي حالتن سبب انتهائي قدم کنيو علائقي واسين موجب مالڪ ڪرايو نه ڏيڻ تي گهر خالي ڪرڻ جو چيو هو. جڏهن ته پوليس گهر جي مالڪ کي حراست ۾ وٺي وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. هوڏانهن زال سان گڏ آپگهات جي ڪوشش ڪندڙ شخص جي ماءُ چيو آهي ته پٽ نشو ڪندو هو. ٻه ڏينهن اڳ پوليس کيس پڪڙي وئي هئي ۽ پيا ڳاڇا ڪانپوءِ ڇڏي ڏنو هو جنهن تي مالڪ کين گهر خالي ڪرڻ جو چيو هو. ماءُ موجب مان گهر ڳولڻ نڪتي هيس ته پاڙي وارن واقعي بابت ٻڌايو

بقايا ❊❊❊ 29

صحت کاتي جي ترجمان موجب رپورٽ ۾ غلط شاهديون پيش ڪيون ويون. فاطمه جو ڊي اين اي جن ماڻهن سان ميچ ٿيو ان کي رپورٽ ۾ ظاهر نه ڪيو ويو ترجمان ٻڌايو ته نگران وزير طرفان اجلاس گهرايو ويو. جنهن ۾ انڪوائري ڪميٽي جي رپورٽ کي رد ڪيو ويو صوبائي صحت کاتي موجب زيادتي ڪانپوءِ فاطمه جو چيڪ اپ گيسٽرو انٽرولاجسٽ ڪيو. ان زيادتي جي تصديق نه ڪئي هئي. جنهن ڪانپوءِ شڪارپور جي ٻن ڊاڪٽرن کي به معطل ڪيو ويو هو صحت واري نگران وزير طرفان ٻي ڪميٽي جوڙي ويندي.

بقايا ❊❊❊ 30

موت جي سزا جو حڪم ڏيندي 10 لک رپيا ڏنڊ به لاڳو ڪيو سارا انعام کي 23 سيپٽمبر 2022 ۾ اسلام آباد ۾ قتل ڪيو ويو هو. جنهن ڪانپوءِ پوليس سندس مڙس شاهنواز امير خلاف ڪيس داخل ڪندي کيس گرفتار ڪيو هو. ڪيس ۾ جوابدار جي ماءُ ثمينه شاهه به نامزد هئي. جنهن کي عدالت عدم شاهدين جي بنياد تي بري ڪري ڇڏيو شاهنواز امير ۽ سندس ماءُ تي 5 ڊسمبر 2022 ۾ فرد جرم لاڳو ڪيو ويو هو ۽ 9 ڊسمبر 2023 ۾ عدالت ڪيس جو فيصلو محفوظ ڪيو.

بقايا ❊❊❊ 31

تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته تيل جو گهٽ مقدار ڪڍڻ سان اٽڪ ريفائنري جي بندش جو خدشو پيدا ٿي سگهي ٿو اٽڪ ريفائنري ذريعن موجب اوگرا هڪ خط لکيو آهي. جنهن ۾ حڪم ڏنو ويو آهي ته آئل مارڪيٽنگ ڪمپنيون اٽڪ ريفائنري تان گهربل مقدار ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل کڻن ۽ مقامي ريفائنرين تان پيٽرول ۽ ڊيزل کڻي ذخيري کي برقرار رکيو وڃي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ان کان اڳ اٽڪ ريفائنري تيل جي کپت گهٽ هجڻ جا اشارا ڏيندي به پروسيسنگ پلانٽ بند ڪري چڪي آهي. وقت سر قدم نه کنيا ويا ته ريفائنري کي مڪمل طور بند ڪرڻو پئجي سگهي ٿو ذريعن موجب ڪمپنيون مقامي تيل بدران درآمدي تيل استعمال ڪري رهيون آهن. جيڪا پيٽروليم رولز جي ڀڃڪڙي آهي ۽ درآمدي تيل استعمال ڪرڻ سان درآمدي بل وڌي رهيو آهي.

بقايا ❊❊❊ 32

رهي سگهي. ڪشميرين جي طاقت جي زور تي زير ڪرڻ جو ڀارتي خواب ڪڏهن پورو نه ٿيندو. دنيا کي ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته اسان پنهنجي مفاد ۽ سالميت تي ڪوتاهه نه ڪنداسين. پاڪستان تي ڪشمير جي ڪري ٽي جنگيون مڙهيون ويون. جيڪڏهن 300 ڀيرا به جنگ مڙهي وئي ته اسان اها جنگ وڙهنداسين. ڪنهن جي ذهن ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو خدشو آهي ته اهو ختم ڪري ڇڏي. اهڙن خيالن جو اظهار هن آزاد جمون ۽ ڪشمير قانونساز اسيمبلي کي خطاب ڪندي ڪيو. نگران وزيراعظم چيو ته ايوان ۾ گهرائڻ تي ٿورا ادا ڪريان ٿو. پهريون نگران وزيراعظم آهيان جنهن کي آزاد ڪشمير جي قانونساز اسيمبلي ۾ خطاب جي دعوت ڏني وئي. هڪ سال جي مختصر عرصي ۾ ٽيون پاڪستاني ليڊر آهيان جنهن کي آزاد جمون ۽ ڪشمير قانونساز اسيمبلي کي خطاب جو موقعو ملي رهيو آهي. ان سان آزاد جمون ۽ ڪشمير جي عوام ۽ قيادت سان مضبوط وابستگي جي عڪاسي ٿئي ٿي. هن چيو ته ڪشميري عوام بي پناهه خوبين جي مالڪ آهي. ان ڏکڻ ايشيا ۾ مختلف شعبن ۾ شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. ان سان گڏوگڏ هن ظلم ۽ ڏاڍ کي به منهن ڏنو آهي. سرحد پار لکين ڪشميري عوام پنهنجي جائز خواهشن جي تڪميل جي لاءِ ناجائز قبضي کان ڇوٽڪاري جي لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن. علامه اقبال به پنهنجي شاعري ۾ ڪشميرين جي خراب حالت کي بيان ڪيو آهي. هن چيو ته ڪشمير مسئلو گڏيل قومن ۾ گذريل 7 ڏهاڪن کان حل طلب آهي ۽ اهو 1948ع کان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ايجنڊا تي آهي. گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن ۾ والاريل ڪشمير جي عوام جي خودمختياري جي حق کي تسليم ڪيو ويو آهي پر افسوس جي ڳالهه آهي ته 7 ڏهاڪن کان وڌيڪ گذرڻ جي باوجود انهن قراردادن تي عملدرآمد نه ٿي سگهيو ۽ ان جي بدران ڀارت جي موجوده حڪومت والاريل ڪشمير تي پنهنجي قبضي کي مضبوط بڻائڻ جي لاءِ عالمي سطح تي مڃيل ان تڪراري علائقي ۾ قانونسازي ۽ ڪيترائي انتظامي قدم کنيا آهن. هن چيو ته اهو ڀارت ئي هو جيڪو جمون ۽ ڪشمير جو تڪرار گڏيل قومن ۾ کڻي ويو هو ۽ ان وقت جي ڀارت جي وزيراعظم پنڊت جواهر لعل نهرو ڪيترن ئي موقعن تي پنهنجي مرضي سان ڪشميري عوام کي ريفرنڊم جو حق ڏيڻ جي خاطري ڪرائي. ان ڪانپوءِ به ايندڙ ڀارتي حڪومتون جمون ۽ ڪشمير کي تڪراري علائقو تسليم ڪيو آهي. موجوده ڀارتي حڪومت انهن واعدن تان ڪيئن پٺتي هٽي سگهي ٿي. ڀارت کي گڏيل قومن، پاڪستان ۽ سڀ کان وڌيڪ ڪشميري عوام جي ريفرنڊم جي واعدن کي پورو ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جون قراردادون اڃا تائين موجود آهن ۽ وقت گذرڻ سان انهن جي اهميت گهٽ ناهي ٿي. نگران وزيراعظم چيو ته غيرملڪي قبضي جي خلاف ڪشميرين جي جدوجهد جي هن نازڪ موقعي تي پاڪستان پاران هو اٽل حمايت جو ورجاءُ ڪن ٿا. نگران وزيراعظم چيو ته هو ڪشميرين سان سنگين ناانصافي جي خلاف يڪجهتي جي اظهار لاءِ هتي آيو آهي. والاريل ڪشمير ۾ ڪشميرين تي ڀارتي ظلم ۽ ڏاڍ جاري آهي. ٽي ڏينهن اڳ ڀارتي سپريم ڪورٽ زميني حقيقتن کي نظرانداز ڪندي ڪشمير تي سياسي ارادن تي ٻڌل غيرقانوني هن چيو ته ڀارت جو 5 آگسٽ 2019ع جو غيرقانوني ۽ هڪطرفو قدم ۽ ان ڪانپوءِ کنيل قدمن جو مقصد والاريل ڪشمير ۾ آبادي جو تناسب ۽ سياسي جاگرافيائي تبديل ڪرڻ آهي. اهي قدم عالمي قانون ۽ جمون ۽ ڪشمير بابت گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن ۽ چوٿين جنيوا ڪنوينشن جي واضح خلاف ورزي آهن ۽ ڀارت ڪشميرين کي انهن جي پنهنجي سرزمين کان محروم ڪرڻ چاهي ٿو. نگران وزيراعظم چيو ته پاڪستان تي ڪشمير جي ڪري ٽي جنگيون مڙهيون ويون. جيڪڏهن 300 ڀيرا به جنگ مڙهي وئي ته اسان اها جنگ وڙهنداسين. ڪنهن جي ذهن ۾ ڪنهن قسم جو ڪو خدشو آهي ته اهو ختم ڪري ڇڏي. هن چيو ته ڪشميري سياسي اڳواڻن جي تجويزن کي پليڪار چونداسين

بقايا سنڌيار 01

اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪرڻ ڪان پوءِ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته 8 مهينا اڳ هن ڪي زميندار حبيب الله نهڙيو 27 ايڪڙ زمين تي هاريو ڪرڻ لاءِ رکيو هو جتي مختلف فصل جنهن ۾ ٽماٽو ڪٽڪ سرنهن جا فصل پوکيا آهن ۽ هن وقت 50لک روپين جو ٽماٽو پڻ نڪري چڪو آهي هن چيو ته زميندار ڪان حساب گهرڻ تان هو مچرجي پيو ٻنا حساب ۽ خرچ ڏيڻ جي زمين تان بي دخل ڪري ڇڏيو ۽ لڏي وڃڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ته لڏڻ تان هن منهنجي ٻن رشتيدارن چتون ڀيل ۽ موهن ڀيل کي اغوا ڪري گم ڪرائي ڇڏيو آهي. جنهن ڪري گهر ۾ روڄ رڙو متل آهي هن آئي جي سنڌ. ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي بدين ڪان مطالبو ڪيو ته بااثر زميندار خلاف ڪارروائي ڪري سندس ٻنهي پائرن کي بازياب ڪرائي ساڻن انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 02

۾ شرڪت ڪئي. مرحوم خدابخش پٽي لاڙ جي ڪيترن ئي شوگر ملن ۾ جنرل مئنيجر جي عهدن تي پڻ پنهنجا فرائض سرانجام ڏنا. مرحوم جو تدڙو سنڌس شهر جي پير محلہ ۾ وڇايو ويو جتي عذرخواهين جو سلسلو جاري آهي. مرحوم پنهنجي پويان هڪ بيواهه . 2 نياڻيون ۽ 3 فرزند شهزاد پٽي. شاهنواز پٽي ۽ شيراز پٽي ڇڏيا آهن

بقايا سنڌيار 03

موٽر سائيڪل جو ڪٽو رکيو جنهن ۾ هو مونکان 45000 روپيا اوگاڙي چڪو آهي به سال گذري وڃڻ باوجود مونکي نه موٽر سائيڪل ڏني نه ئي منهنجي ڏنل رقم واپس ڪري ٿو مان ڏينهن رات پورهيو ڪري موٽر سائيڪل لاءِ ايڏي وڏي رقم هن کي ڏئي چڪو آهيان پر هو منهنجا پئسا يا موٽر سائيڪل نه پيو ڏئي جڏهن مان پنهنجو حق گهرڻ هن وٽ وڃان ٿو ته هو مونکي موتمار ڌمڪيون ڏئي موٽائي ڇڏي ٿو ۽ چوي ٿو توکي جيڪو ڪرڻو آهي ڪري ڇڏ مونکي ڪير ڪجھ ته توڪري سگهي پورهيت پيرل کهر ايس ايس پي خيرپور ۽ ايس ايڇ او سيٺارجا ۽ ٻين وس وارن ڪان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي بااثر مختيار سولنگي کان مونکي منهنجي رقم واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 04

پاران تقريرون ڪيون ويون جڏهن ته ثقافتي ٽيبلوز سميت شاهه جي وائي پيش ڪئي وئي تقريب ۾ آرڪيالاجسٽ سرفراز نواز جتوئي ۽ تاريخدان حاڪم بلوچ خطاب ڪندي سنڌي ٻولي، سنڌ ڌرتي ۽ سنڌي ثقافت حوالي سان پنهنجا ويچار ونڊيا. تقريب جي خاص مهمان پيپلز پارٽي سنڌ جي اڳواڻ غلام قادر پليجو تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ڌرتي سنڌي ٻولي ۽ ثقافتي هزارن سالن کان پنهنجو وجود رکي ٿي مختلف وقتن تي سنڌ تي قبضي جي ڪوشش ڪرڻ لاءِ ارغون. ترخانن ۽ عربن سميت مختلف قومن پاران قبضي جي ڪوشش ڪئي وئي پر سنڌ جي ماڻهن جي شعور هر پيري سنڌ تي قبضي جي ڪوششن ۽ يلغار کي ناڪام بڻايو جڏهن ته هن وقت پڻ سنڌه تي غيرن جي يلغار (غير ملڪين ۽ غير مقامي ماڻهن) جي يلغار جاري آهي جنهن کي روڪڻ جو هڪ طريق اهو به آهي ته سنڌ جي عوام کي تعليم ڏني وڃي سنڌي نوجوان کي هنري تعليم سميت هنري تعليم تي ڌيان ڏيڻ گهرجي ته جيئن سنڌ جي عوام کي غير ملڪي ۽ غير قانوني آبادي پاران ٿيندڙ يلغار سمير سنڌ جي جاگيردارن ـ وڏيرن ميرن ۽ پيرن کان پڻ آزاد ڪرايو وڃي تقريب کي زيبٽيڪ ڊاهيجي جي پرنسپل اسد پليجو خطاب ڪندي تقريب ۾ شرڪت ۾ شرڪت ڪندڙ مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو جڏهن آخر ۾ محفل موسيقي جو پروگرام پڻ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي ناليوارن فنڪارن سنڌي قومي گيت ڳايا جنهن تي شاگردن پاران سنڌي رقص جهومر پيش ڪري تقريب کي چار چند لڳائي ڇڏيا پرنسپل زيبٽيڪ اسد پليجو پاران بهترين پروگرام آرگنائز ڪرڻ تي ميڊم شاهدا ارشد کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 05

سائنس ليب ۽ لائبريري جو افتتاح سابق ڊي اي او سيڪنڊري محمد صديق ميمڻ ۽ گستا اڳواڻ غلام قادر باغي ڪيو ثقافتي تقريب ۾ اسڪولي شاگردن ۽ شاگردياڻين ثقافتي ويس ٻهري قومي گيتن تي رقص ڪري ٽيبلوز پيش ڪيا جڏهن ته اسٽيج اداڪار غلام مصطفي لوهار ۽ عبدالله عباسي پاران ڌارين جي آبادڪاري خلاف خاڪو پيش ڪري خوب داد حاصل ڪيو ثقافتي تقريب ۾ استادن محمد سومار ڪيهر اياز آخوند. ممتاز ساقي. علي نواز ميمڻ ڪانهيو مل. محمد ايوب ڪٽي. اقبال ميمڻ رفيق ڪٽي. سليم اوٺو صحافي ناشاد ملاح. حميدالله ميمڻ. ڊاڪٽر اقبال ڪٽي سميت ادا عمر ميمڻ. ڊاڪٽر محمد يوسف ميمڻ. ڊاڪٽر نويد ميمڻ. محمد سومار ڪنير. علي محمد اوٺو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ثقافتي تقريب ۾ بهترين پرفارم ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ انعام پڻ ورهايا ويا.

بقايا سنڌيار 06

آفيس آمد تي آءِ جي پي سنڌ کي پوليس جي چاڪ وچوبند دستي جنرل سلام پيش ڪئي. آئي جي پي سنڌ ٻين سنيئر آفيسرن سميت يادگار شهداءَ تي فاتحه خواني ڪئي. دوري دوران آئي جي پي سنڌ جي زير صدارت ايس ايس پي آفيس شڪارپور ۾ اعلیٰ سطحي اجلاس ٿيو اجلاس ۾ ڊي آئي جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب. ڊي آئي جي سکر عبدالحميد کوسو ايس ايس پي ڪشمور روحل کوسو ايس ايس پي اسپيشل برانچ لاڙڪاڻو منصور احمد مغل ۽ اي ايس پي سٽي شڪارپور محمد عثمان خان شرڪت ڪئي. ايس ايس پي شڪارپور ڊاڪٽر محمد عمران خان آئي جي پي سنڌ ضلع شڪارپور جي ڪچي ۾ امن ۽ امان جي حوالي سان بريفنگ ڏني. ان موقعي تي آئي جي پي سنڌ شڪارپور جي ڪچي ۽ پڪي جي علائقن ۾ جرائم پيشه ماڻهن جي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. آپريشن ۾ پوليس سان گڏ رينجرز ۾ حصو وٺندي ان سان گڏ گڏ ڪچي ۽ پڪي جي علائقن ۾ ڌوهن کان محفوظ بڻائڻو آهي. ڪچي ۾ امن امان کي قائم بڻايو ويندو ڌوهارين جي خلاف جديد هٿيارن سان آپريشن ٿيندو. ڌوهارين جي سهولتڪارن ۽ مددگارن جي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. ڪچي ۽ پڪي مان ڌوهارين جو خاتمو ڪرڻ ۽ عوام جي جان و مال جو تحفظ ڪرڻ سنڌ پوليس جي ترجيحات ۾ شامل آهي. آئي جي سنڌ وڌيڪ چيو ته ڌوهارين جي خاتمي تائين ڪچي ۾ آپريشن جاري رهندو

بقايا سنڌيار 07

حسين شاهه بخاري جي نگرانيءَ هيٺ دولت پور ڪنداهه علي آباد پهچو نواب ولي محمد جي پوليس هيٺ سرچ آپريشن ٿيو جنهن ۾. سرڪاري ٻيلي تي ناجائز قبضي هيٺ زمين تي ڪاهيل ڪٽڪ سرنهن جو فصل توڙي سولر سسٽم تي ٽيل لکين روپين جا بور ٻتي تباهه ڪيا ويا ۽ فصلن کي ضايع ڪرڻ لاءِ اسپري ڪيو ويو جڏهن ته قبضي هيٺ ڪاهيل زميندار محمد علي سهتو جي 100 ايڪڙ ڪان وڌيڪ ڪاهيل ڪٽڪ جو فصل سرڪاري ٽريڪٽر ذريعي پٽي تباهه ڪري ڇڏيو سنڌس زمينن تي ٽيل بور تان سولر پليٽون ۽ موٽر پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيا سرچ آپريشن دوران صحافين سان ڳالهائيندي ايس ايڇ او ڪنداهه سلطان احمد ڪيريو محمد يونس چانڊيو اصغر علي چانڊيو چيو ته اسان کي هاءِ ڪورٽ ۽ سيشن ڪورٽ جي حڪم تحت آپريشن ڪيو آهي ۽ سرڪاري زمين تي قبضو ڪندڙ ماڻهن مٿان ڪورٽ سگوري جي حڪم تي ڪيس داخل ڪيو ويندو جيستائين زمين تان قبضا نٿا ختم ڪيا وڃن ايستائين آپريشن جاري رهندو

بقايا سنڌيار 08

علي جلباڻي. ڊاڪٽر نور محمد جلباڻي شرڪت ڪئي. ورڪشاپ ۾ چوپائي مال ٻڪرين ۽ ڍڳين توڙي ماهي چوپائي مال جي فارمن تي جانورن ۾ ٿيندڙ خطرناڪ وبائي مرضن جهڙوڪ ڪانگو وائرس. جهڙا خطرناڪ مرض جانورن کان ماڻهن ۾ منتقل ٿين ٿيون ۽ ٻين ڊاڪٽرن شرڪت ڪئي. ماهر ڊاڪٽرن ٽيل ورڪشاپ ۾ ٻڌايو ته سنڌ سميت پاڪستان ۾ (زونوٽڪ ڊزيز) جيڪي وبائي مرض جيڪي جانورن ذريعي انساني آبادي توڙي زندگيءَ کي متاثر ڪري ٿي . زونوٽڪ بيمارين وڏي پيماني تي ٿهلجن ٿيون جيڪي اسان جي سماج تي تن طريقن سان اثرانداز ٿين ٿيون.هن قسم جون بيماريون جانورن جي صحت کي متاثر ڪن ٿيون جنهن جي ڪري جانور بيمار ٿين ٿا. انهن جي پيداوار ۾ ڪمي واقع ٿئي ٿي ۽ آخر ۾ انهن جو موت ٿئي ٿو انسان جي آبادي جو وڏو حصو جنهن جي جياپي ۽ آمدني جو دارومدار جانورن جي پالنا تي آهي انهن جي لاءِ هي بيماريون وڏو خطرو پيدا ڪري سگهن ٿيون.

بقايا سنڌيار 09

۾ نامزد اڳواڻ وڪيلن سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿيا.عدالت وڪيلن جا دليل ٻڌڻ بعد ٻڌڻي 19 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي ياد رهي ته 17 سيپٽمبر 2023 تي سڪر ۾ ڌارين جي نيڪالي مغوين جي بازيابيءَ سنڌ ۾ بدامني خلاف ڌرڻو هنيو هو جنهن تي پوليس مڱڻ ڪيس داخل ڪيو ويو هو

بقايا سنڌيار 10

ڪري ڇڏيو خبر موجب ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڏهرڪي محسن امتياز ڊپٽي ڊائريڪٽر زراعت ذوالفقار عباسي کي ساڻ ڪري من پسند اگهه تحت پاڻ وڪرو ڪندڙ ۽ بليڪ مارڪيٽنگ ۾ ملوث آريان فرٽيلائزر مٿان 3 لک روپيا ڏنڊ لاڳو ڪري ڇڏيو آهي. ان سلسلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر جو چوڻ آهي ته ڊپٽي ڪمشنر جي سخت هدايتن باوجود ڊيلر پاڻ جا هٿرادو اگهه وصول ڪري منافعي خوري ڪن ٿا جن خلاف سخت ڪارروائين جو سلسلو جاري رهندو انڪري سمورا ڊيلر ضلعي انتظاميه جي هدايتن تي عمل ڪندي مقرر قيمتن تي پاڻ وڪرو ڪن بي صورت ۾ گرا ڏنڊ ڀرڻ لاءِ تيار رهن

بقايا سنڌيار 11

شيخ جنرل سيڪريٽري جي يو آءِ سڪر ستي هئا جنهن ۾ مولانا مسعوداحمد حقاني مولانا مفتي محمد عابد جنرل سيڪريٽري جي يو آءِ يونٽ منزل گاهه مولانا عبدالتواب هاليجوي مولانا عبدالمالڪ چاچڙ پروفيسر اصغر مجاهد مهر صدر تنظيم نڪرونظرسنڌ قاري ڪليم الله گهنجو مولانا عبدالله مڪي مولانا عبدالاسلام هاليجوي ۽ ٻين علماءِ ڪرام شرڪت ڪئي جنهن ۾ اهم فيصلا ڪيا ويا جنهن ۾ چيو ويو ته اڄ جميعت جو صوبائي عمومي اجلاس منزل گاهه ۾ ٿي رهيو آهي جنهن ۾ مولانا عبدالغفور حيدري سيڪريٽري جنرل جميعت علماء اسلام خصوصي طور شريڪ ٿي رهيا آهن جيڪي به صوبائي عمومي اجلاس ۾ فيصلا ڪيا ويندا ان تي عمل ڪيو ويندو پروفيسر اصغرمجاهد مهرصدر تنظيم اجلاس کي ٻڌايو ته جميعت علماءِ اسلام پاڪستان حق واري جماعت آهي جيڪا اسلام ۽ملڪ جي دشمن ۽ بي ديني جومقابلو ڪري رهي خاص طور تي مساجد ۽ مدارس جي تحفظ لاءِ ان جي جدوجهد گهڻي ڏگهي آهي خاص طور ميدني مسجد طارق روڊ ڪراچي خلاف سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس مسمار ڪرڻ جوحڪم ڏنو هو پر علامه راشد سومرو ۽ مولانا عبدالغفور حيدري مسجد جي ميدان تي ويهي مدينه مسجد جي تحفظ جو اعلان ڪري چيف جسٽس جي آرڊر جتي جي نوڪ تي رکي اڏائي ڇڏيو هو الحمدالله مدينه مسجد اڄ پنهنجي جڳهه تي صحيح سلامت آهي ۽ پرحڪم ڏيڻ وارو جج پڇي ملڪ ڇڏي هليو ويو آهي ان چيو ته وري هڪ پيرو پيهر ميئر سڪر جي سرپرستي ۾ مسجد زم زم جي پر ۾ تخريبي ٽوڙ ڦوڙ جو ڪم جاري آهي پارڪ جي نالي تي بلڊنگون تعمير ڪيون پيون وڃن جڏهن ته روينيو رڪارڊ ۽ ميونسپل وٽ پارڪ جو ريڪارڊ ناهي ۽ نه وري پارڪ جو نالو ريڪارڊس آف رائيٽس ۾ رکيل آهي سڪر جو ميئر وڏو متعصب ماڻهو آهي مسجد زم زم ان جي اک جو ڪندو آهي ان ڪري مسجد جي بچيل ديوارن کي مسمار ڪرڻ جو وضوخانو ۽ واش کي ڊهرائڻ جو ناپاڪ ارادو عزم ڪري ڇڏيو آهي مسجد جي ديوارن سان گڏ ڪوٺائي ڪري ڪڏون ڪوٺي پنهنجو ناپاڪ مقصد پورو ڪرڻ چاهي ٿو ان لاءِ شيخ الحديث مفتي سعود افضل هاليجوي مولانا محمد صالح انڍڙ ۽ قاري جميل احمدبنڌاڻي سان رابطو ڪري حقيقت ڪان آگاهه ڪيو آهي جنهن ميئر سان ان سلسلي ۾ ڳالهايو آهي پر هو پنهنجي هوڏ تي قائم آهي تخريبي ڪم جاري رکيون پيو اچي ۽ عالمن سگهورن کي ڌاڄ يا آسري ۾ رکي دل ۾ ڪينو رکي ڪنوڪر ڪرائي رهيو آهي اجلاس ۾ اڪابر علماءڪرام ڪان مطالبو ڪيو ويو آهي ته هو ميئر تي پنهنجي سخت موقف سان سامهون ٿين ۽ رڪن ۽ ڪم بند نه ۾ آئنده جي بداراڌي کي هميشه لاءِ ختم ڪرائين چوڻ هي الله پاڪ جي گهرجو سوال ان لاءِ پر نه ڏين ۽ مسجد ۽ مدرسي جو تحفظ ني سگهي چوڻ مسجدزم زم سنڌ اسلامڪ سينٽر سڪر هڪ آئيني قانوني ۽ شرعي اسٽيٽس رکي ٿي جنهن جو سنگ بنياد تاريخ 28 آڪٽوبر 1992 قائد جميعت حضرت مولانا فضل الرحمان پنهنجن هٿن مبارڪ سان رکيو هو ۽ جنهن جو افتتاح مولانا عبدالغفور حيدري سيڪريٽر جنرل جميعت علماءِ اسلام ۽ ڊپٽي چيئرمين سينٽ جي حيثيت ۾ تاريخ 30 اپريل 2016 م پنهنجن هٿن مبارڪن سان ڪيو هو اجلاس ۾ چيو ويو ته مسجدن ۽ مدرسن جي دفاع ۽ تحفظ لاءِ جميعت علماءِ اسلام پاڪستان هڪ انچ به نه هٽندي جميعت مسجدن ۽ مدرسن جي حفاظت ۽ دين جي سربلندي اسلامي ادارن جي حفاظت ڪرڻ کي پنهنجو فرض سمجهي ٿي ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته ملڪ جي سربراهه سنڌ اسلامڪ سينٽر مناره روڊ جو سنگ بنياد رکيو هو گورنر سنڌ وزي اعلي اسنڌ ۽ ساري سنڌ حڪومت جي مشينري ان وقت موجود هئي ۽ ان مبارڪ ۽ مسعود سينٽر کي قانوني طور تي منظوري به ڏني آهي ويئي هئي ريڪارڊس آف رائيٽس ۾ ان جي داخلا رکيل آهي

بقايا سنڌيار 12

مراد سينار اجلاس جي ڪاروائي هلائي. اجلاس ۾ حڪومتي توڙي مخالف ڌر سان لاڳاپيل پ پ پ جي ڪائونسلرن سميت سمورن ڪائونسلرن جي شرڪت ايجنڊائون پيش ڪيون جن مان ڪجھ ايجنڊائون اڪثريت راءِ سان منظور ڪيون ويون. تفصيل موجب خانپور ٽاؤن ڪميٽي جو اجلاس ٽاؤن ڪميٽي چيئرمين مهدي حسن خان جتوئي جي صدارت ۾ ٽي گنڊيو اجلاس جي ڪارروائي ٽاؤن ڪميٽي وائس چيئرمين علي مراد سينار تلاوت ڪلام پاڪ سان شروع ڪري هلائي. اجلاس ۾ ٽاؤن ڪميٽي خانپور جي سمورن حڪومتي ڌر توڙي پ پ پ سان لاڳاپيل مخالف ڪائونسلرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ هيٺ ڏنل ايجنڊائون غورهيٺ آيون. 1 امن امان بحال ڪرائڻ جي لاءِ ٽاؤن پاران ڊي ايس پي خانپور ۽ ايس ايس پي شڪارپور سان ليٽر لکي ڪائونسلرن جي ڪميٽي ملاقات ڪري امن بحالي جي لاءِ مطالبو رکندي جيڪا قرارداد منظور ڪئي وئي. 02 ٽاؤن ڪميٽي خانپور جي سمورن ملازمن جي ٽاؤن ۾ حاضري کي يقيني بڻائڻ جو پابند ڪيو ويندو جيڪا پڻ منظور ڪئي وئي. 03 ٽاؤن ڪميٽي آفيس جي بلڊنگ جي مرمت ڪرڻ جيڪا قرارداد پڻ بجيٽ گهٽ هجڻ سبب وقتي طور پينڊنگ ۾ رکي وئي ۽ اوليت جي بنياد تي شهر ۾ نالين ۽ ڪراسنگ جي مرمت ڪرائڻ جو ڪم ڪرايو ويندو. 04 ڪورٽ سگوري جي حڪم تي خانپور ٽاؤن پاران لائبريري ٺهرائي ويندي جيڪا قرارداد منظور ڪئي وئي. 05 ڪرڪيٽ اسٽيڊيم کي وڌيڪ فعال ڪرڻ جي لاءِ لاڳاپيل ادارن سان پڻ رابطو ڪري ويندو. 06 ٽاؤن جي حدود ۾ اينڊ سمورن مارڪيٽ فيس. ريڙهي فيس ۽ ته بازار فيس جو آڪشن ڪرائڻ جو ٺهراءُ منظور ڪيو ويو. 07 ٽاؤن جي اينڊ ويندڙ رودن رستن تي سولر لائيٽس لڳائڻ ۽ مرمت وغيره ڪرائڻ جو ٺهراءُ منظور ڪيو ويو آخر ۾ اجلاس جي اختتام تي دعا خير گهري وئي.

بقايا سنڌيار 13

نورجهان چنا کي هيلٿ پروفيشنل پئراميڊيڪس ايسوسيئيشن ۾ شموليت جو اعلان ڪندي چيو ته هيءَ واحد تنظيم آهي جيڪا پيراميڊيڪل اسٽاف جي حق لاءِ مسلسل جدوجهد ڪندي رهي آهي جڏهن ته ٻيون تنظيمون نالي ماتر قائم ڪري پنهنجي ئي گهر کي نقصان پهچائي رهيون آهن ان ڪري اڄ ٻين تنظيمن کي ڇڏي هيلٿ پروفيشنل جي قيادت تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندي شموليت جو اعلان ڪريون ٿا. ان موقعي تي علي حسن ملڪ پاران آيل مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ ۽ گلن جا هار پارايا ويا ۽ ريفريشمينٽ جو اهتمام ڪيو ويو. تقريب ۾ هيلٿ پروفيشنل پيراميڊيڪس جا ساٿي راڻا ممتاز راجپوت ۽ محمد الياس ڪابورو پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 14

اڳواڻ ادي رضيه سهتو،نيدي آئيز جي زاهد جسڪاڻي، پنهل جمالي ۽ ٻين پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته پوليس جي ڪارڪردگي مان مطمئن ناهيون. پوليس وانگارو وارو ڪردار ادا ڪندي ڊي ايس پي آغا مجيد فاران مل جي انتظاميه وانگارو ٻڌيل آهي فاران شگر جي جنرل مينيجر مختيار لغاري وحشي درندي علي بلوچ جو سهولتڪار ٻڌيل آهي جيڪو اڄ به علي بلوچ سان گڏ آهي ايف آءِ آر ۾ سهولتڪار مختيار لغاري کي شامل ڪيو وڃي وحشي درندي علي بلوچ کي فوري گرفتار ڪيو وڃي اڳواڻن چيو ته نياڻي گل بانو خاصخيلي اسان جي نياڻي آهي انصاف ڏيارڻ لاءِ ڪنهن به حد تائين وڃي سگهون ٿا وحشين کي معاف نه ڪنداسين انصاف جي حاصلات لاءِ جدوجهد جاري رهندي اڳواڻن چيو جيستائين هڪ هفتي اندر وحشي درندو علي بلوچ ۽ سندس سهولتڪار مختيار لغاري گرفتار نه ٿيا ته فاران شگر مل جا گيٽ ۽ ڪمند جي سپلاءِ بند ڪري روڊ بلاڪ ڪري سخت احتجاج ڪيو ويندو ڪنهن به ظالم کي بخشي نه ڪيو ويندو ظالمن جي گرفتاري تائين ڌرڻو جاري رهندو پوليس جي انويسٽيگيشن کي ان ڏريو بڻايو وڃي ڊي ايس پي آغا مجيد کي هٽايو وڃي.

بقايا سنڌيار 15

وارو معاملي تي الزام هيٺ آيل ڌر جون عورتون پاڪ ڪتاب کڻي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي دانهيون. عائشه چاوڙو جي سس بانو خاتون بليدي ، نور خاتون بليدي ، سلطان بليدي پاڪ ڪتاب کڻي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو. عائشه چاوڙو جي سس بانو خاتون عائشه مٿان الزام هڻندي چيو ته عائشه پاڻ کي ڇڏائڻ لاءِ پنهنجا وار پاڻ ڪينچي سان ڪٽي ڊرامون ڪيو آهي ته هن جي اڳ ۾ ٻه شادي ٿيل هئي اسان ڪيس دلالن معرفت عائشه جو سڱ چار لک روپين ۾ ورتو هوسين جنهن ۾ ٻن ٻارن جي اولا به آهن هن چيو ته عائشه اڳ ۾ ڊرامون ڪري گهران نڪري وڃي دارالامان پهتي هئي جنهن کي اسان اپلائز منٿون ڪري واپس وٺي آيا هئاسين . هن وڌيڪ الزام هڻندي چيو ته عائشه چاوڙو جا پاڻ غلام رسول، صديق، ياسين، فاروق چاوڙو ننگ قسم جا ماڻهون آهن هو پنهنجون نياڻيون هڪ هنڌ کان ڇڏائي ٻئي هنڌ وڪرو ڪندا آهن هاڻي به عائشه چاوڙو کي پاڻان صلاح ڪري وار ڪٽڻ وارو ڊرامون ڪرائي اسان کان رشتو ختم ڪرائڻ لاءِ منهنجي پٽ عبدالوهاب بليدي مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو آهي . هن آئي جي سنڌ. ڊي آئي جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ آصف رضا بلوچ کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي شفاف انڪوائري ڪرائي اسان سان انصاف ڪري داخل ٿيل ڪوڙو ڪيس ختم ڪرايو وڃي.

بقايا سنڌيار 16

ساڪرو جي ڪاتيدارن جي زمينن ۽ ٻين مسئلن بابت شڪايتون ٻڌي درخواستون وصول ڪيون ۽ موقعي تي ئي لاڳاپيل عملدارن کي حڪم جاري ڪيا. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته ضلعي انتظاميه جي ڪوشش آهي ته عوام کي بنيادي سهولتون ۽ رليف فراهم ڪيو وڃي. هن کلي ڪچهري ۾ موجود مختلف صنعتن جي نمائندن تي زور ڀريو ته هو ليبر قانون تي عمل ڪندي مقامي ماڻهن کي روزگار ۽ ٻين سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائين ته جيئن مقامي ماڻهن ۾ موجود پريشاني ختم ٿي سگهي. هن چيو ته پاڻ جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ اعلىٰ اختيارين سميت فرٽيلائزر ڪمپنين جي انتظاميا سان ڳالهيون جاري آهن ته جيئن پاڻ جي ڪوٽ کي پورو ڪري سگهجي. ان حوالي سان ذخيره اندوزن ۽ ناجائز منافع خورن خلاف ڪارروائيون پڻ جاري آهن. ڪليل ڪچهري دوران عوام پاران ڪيل شڪايتن تي ڊپٽي ڪمشنر تعلقي ميرپور ساڪرو جي اسسٽنٽ ڪمشنر اقبال احمد ٽنيو ۽ مختيارڪار احمد ميمڻ کي هدايت ڪئي ته هو شڪايت ڪندڙن جي زمين جو معائنو ڪري فوري طور تي جائز مسئلا حل ڪن. هن چيو ته جن ڳوٺن تي قبضن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي انهن جي حدبندي ڪري انڪوائري بعد غير قانوني قبضا هٽايا وڃن ۽ ملوث عنصرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. ڌابيجي پمپنگ اسٽيشن جي سرڪاري زمين تي غير قانوني فارم هائوسز جي اڏاوت جي شڪايت تي ڊپٽي ڪمشنر اسسٽنٽ ڪمشنر کي هدايت ڪئي ته معاملي جي جاچ ڪري غير قانوني اڏاوتون هٽايون وڃن. هن چيو ته صنعتن جي انتظاميا سان ڳالهائي ڪري ڪم ڪندڙ ملازمن جون لسٽون چيڪ ڪيون وڃن ۽ مقامي ماڻهن جي مقرري جو جائزو ورتو وڃي. هن اسسٽنٽ ڪمشنر کي وڌيڪ هدايت ڪئي ته هو پنهنجي نگرانيءَ هيٺ سنڌ انوائرمينٽ پروٽيڪشن ايجنسي (سيپا) جي نمائندن سان گڏجي صنعتن جو دورو ڪري ۽ خارج ٿيندڙ زهريلي پاڻي ۽ دونهن بابت رپورٽ پيش ڪئي وڃي ته جيئن وڌيڪ حڪمت عملي جوڙي سگهجي. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته گهارو شهر جي روڊ تان گاڏا، ڀڙيون ۽ ٻيون غيرقانوني حدخليون فوري طور هٽايون وڃن ته جيئن عوام کي آمدرفت ۾ آساني پيدا ٿي سگهي جڏهن ته پاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ، ذخيره اندوزي ۽ ناجائز منافع خورن خلاف به ڪارروائي تيز ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 17

ميمڻ نوشهروفيروز فوڊ گدام ڪان ڪنيي نوشهروفيروز ٽائي تي بند ڪيو جنهن ڪانپوءِ منهنجي پٽ کي محرابپور ٿاڻي جي حد ڪٽي وڃي ڪوڙو مقابلو ڏيکاري بيگناهه منهنجي پٽ کي ٽنگ ۾ گولي هئي هاف فراءِ ڪري اسان سان وڏو ظلم ڪيو آهي جڏهن ته منهنجو پٽ سبزي منڊي ۾ پنهنجي روزي ڪندو آهي ۽ ان وٽ هڪ لک ويهه هزار روڪ هڪ ويوو موبائيل فون ۽ ون ٽوفاءِ موٽرسائيڪل ٻه گڏ هئي اسان آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز کي پرزور اپيل ٿا ڪريون ته صاف شفاف انڪوائري ڪري اسان سان ٿيل ظلم جو انصاف ڪيو وڃي نه ته بي صورت ۾ اسان نوشهروفيروز ٻاءِ پاس تي احتجاجي ڌرڻو هڻنداسين

بقايا سنڌيار 18

ڪيسن جي ميرٽ تي جاچ ڪرڻ ۽ عوامي مسئلا حل ڪرڻ تي خاص ڌيان ڏيڻ جي هدايت، پراپرٽي ۾ ٻڌيل مختلف گاڏين جو بهتر خيال رکڻ لاءِ هدايتون. آءِ جي سنڌ پاران پوليس اسٽيشنن جي انسپيڪشن جي حوالي سان ڏنل هدايتن تي ايس ايس پي سانگهڙ ڪيپٽن صدام حسين سب ڊويزن شهدادپور جي پوليس اسٽيشن سرهاڙي، لنڊو، دريا خان رند ۽ شهدادپور جو دورو ڪيو. دوري دوران ايس ايس پي محرر آفيسن جو رڪارڊ، لاڪپ ۽ گودام به چيڪ ڪيو ۽ سرڪاري عمارتن جي حالت جو معائنو ڪيو ۽ عمارتن جي صفائي سترائي جي انتظامن کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ ۽ انهن کي رنگ روغن ڪرائڻ تي زور ڏنو آفيسرن ۽ اهلڪارن جي حاضري پڻ چيڪ ڪئي، ايس ايس پي ڊيوٽي تي موجود جوانن سان ملاقات ڪئي ۽ ڪين ڊيوٽي ايمانداري ۽ فرض شناسيءَ سان انجام ڏيڻ جي هدايت ڪئي. دوري دوران پوليس ٿاڻي جي ايس ايڇ اوز ۽ انويسٽيگيشن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته اهي ڪيسن جي ميرٽ تي جاچ ڪن ۽ ڪيسن ۾ اشتهاري ۽ روپوش جوابدارن جي گرفتاري جا فوري حڪم جاري ڪيا. هن چيو ته ڌوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي. چوري، ڦر ۽ ٻين ڏوهن جو فوري طور تي ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ منشيات فروشن خلاف گهيرو تنگ ڪيو وڃي. دوري دوران ايس ڊي پي او شهدادپور امتياز علي ڏومڪي ۽ ريڊر پڻ ايس ايس پي سان گڏ هئا.

بقايا سنڌيار 19

رقيه خاتون سميت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو انهن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي نوجوان کي اوباڙو پوليس اهلڪار زوار بوهڙ اسان جي نوجوان سرور رند کي ڳوٺ مان کڻي گم ڪري ڇڏيو آهي اسان کي ٻڌائڻ به نٿا اسان پنج ڏينهن کان پوليس اسٽيشن جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيا آهيون پر اسان جي نوجوان جو ڏس پتو نٿو پٽي اسان کي خدشو آهي ته پوليس اسان جي نوجوان کي ڪوڙي ڪيس يا ڪوڙي پوليس مقابلي ۾ ماري نه ڇڏي اسان جي ايس ايس پي گهوٽڪي ڊي آئي جي سکر آئي جي سنڌ ۽ وس وارن کي اپيل آهي ته اسان جي نوجوان کي ظاهر ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 20

معصوم پارڙا سردي ۾ وڏي پريشاني کي منهن ڏيڻ لڳا. ڳوٺاڻن ارشاد پنهور، لونگ خان ۽ شيرل پنهور تعليم جي وزير، سيڪريٽري تعليم ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪندي چيو ته اسان جي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ بنيادي سهولتون ڏنيون وڃن ته جيئن اسان جي ڳوٺ جا معصوم ٻارڙا آسانيءَ سان تعليم پرائي سگهن

بقايا سنڌيار 21

سميجو، علي خاصخيلي، انور جاکرو، منظور چانڊيو، لياقت عباسي، شاهنواز خشڪ، حاجي اعجاز مغل، بچل پنهور، معشوق پنهور، عزيز پليجو، سڪندر ميمڻ، سيد رضا شاهه، مظهر جاکرو، اصغر جاکرو، رضا بروهي، ربنواز چنو، شاهجهان شاهه ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. گڏجاڻي ۾ صحت کاتي جي ملازمن سميت پيراميڊيڪل اسٽاف جا جائز مسئلا حل نه ٿيڻ توڙي آپڪا ضلعي ٺٽي جي صدر حاجي اشرف خشڪ سان لوڪل گورنمنٽ کاتي ٺٽي جي ڊائريڪٽر طارق بگهيو پاران اڻنگو رويو اختيار ڪري ساٿس ڪيل بدتميزي واري عمل تي غور ويچار ڪندي فيصلو ڪيو ويو ته 20 ڊسمبر اربع جي ڏينهن 12 وڳي سول اسپتال مڪلي جي سيمينار هال ۾ هڪ اهم هنگامي اجلاس طلب ڪري ان ۾ اعمل جوڙي مسئلن جي حل لاءِ جدوجهد ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو. جيڪو سمورن شريڪ ملازمن پاران منظور ڪري جدوجهد ڪرڻ تي پڻ غور ويچار ڪندي صحت کاتي پيراميڊيڪل اسٽاف جي اڳواڻ چيو ته صحت کاتي جي ملازمن جا ڪافي مسئلا اڃان تائين حل نٿي ٿاهن سگهيا. جن جي حل لاءِ سمورن مسئلن تي غور ويچار ڪري جدوجهد جاري ڪئي ويندي، هن آپڪا ضلعي ٺٽي جي صدر حاجي اشرف خشڪ سان اڻنگو رويو اختيار ڪري بدتميزي ڪندڙ لوڪل گورنمنٽ کاتي ٺٽي جي ڊائريڪٽر جي اهڙي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ته هو پنهنجي اڳواڻ توڙي ملازمن سان ٿيندڙ ڪا به ناانصافي برداشت نه ڪندا. هن گهر ڪئي ته صحت کاتي جي ملازمن جا جائز مسئلا حل ڪري آپڪا ضلعي ٺٽي جي صدر سان نارو سلوڪ ڪندڙ لوڪل گورنمنٽ ٺٽي جي ڊائريڪٽر طارق بگهيو خلاف سخت ڪارروائي ڪري ملازمن ۾ ڦهليل بيچيني دور ڪئي وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 22

زاهد منگريو، اعظم منگريو ۽ ٻين چيو ته انتهائي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اغوا ٿيلن جي بازيابي لاءِ پرامن احتجاج جي باوجود 72 ڏينهن سڪر پريس ڪلب ٻاهران گذرڻ باوجود سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن يرغمال ٿيلن کي بازياب نه ڪرايو آهي ۽ نه ئي انتظامي آفيسر يا چونڊيل نمائندا ڪيمپ تي پهچي اسان کي بازيابي جو يقين ناهي ڏيارڻ جيڪو سراسر ظلم ۽ زيادتي آهي. 100 ڏينهن گذرڻ باوجود نگران سنڌ حڪومت ۽ پوليس سنڌ ۾ يرغمال ٻڌيل يرغمالين جي بازيابي لاءِ ڪي به قدم نه کنيا آهن. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته حڪومت ۽ پوليس يرغمالين جي بازيابي لاءِ سنجيده نه آهن. جنهن ڪري سنڌ جي عوام ۾ بيچيني وڌي رهي آهي، اهي ظلم ۽ جبر جي ٻاهه ۾ سڙي رهيا آهن. پر بدقسمتي سان ان ٻاهه کي وسائڻ وارو ڪو به ناهي. ان جي برعڪس سنڌ جي چونڊيل نمائندن کي ڪا به پرواهه ناهي. اسان رائيپور مان يرغمال ٻڌيلن جي بازيابي لاءِ ڏينهن رات پرامن جدوجهد شروع ڪري ڇڏي آهي. سماجي تنظيمن جي نمائندن جي آمد جو سلسلو جاري آهي ۽ وارثن پاران يرغمالين جي بازيابي تائين ساڻن گڏ ويهڻ جي عزم جو اظهار پڻ ڪيو ويو. احتجاجي ڪئمپ تي پهچي صحافي عمرسومرو، فضل رحمان، يارمحمد سومرو، جهانزيب وسير، سجاد سنجراڻي ۽ ٻين يڪجهتي جو اظهار ڪيو

بقايا سنڌيار 23

پکين جي نسل ڪشي ٿيڻ لڳي گير کاتي ڪان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو خبر موجب ڪيڻ پرسان شڪور ڍنڍ ۾ سائبريا ڪان ايندڙ نياب مهمان پکين جن ۾ چيڪلو آڙي نيرنگي ترهندو جي سون جي تعداد ۾ آمد شروع جنهن ۾ هر قسم جو نياب مهمان پکي اچي ٿو پکين جو شڪار ڪرڻ لاءِ شڪارين پنهنجا هٿيار رڄ مظبوط ڪري ڇڏيان جنهن ۾ ايئر پي ٽرين ۽ بندوقون تيار ڪري ڇڏيون روزاني جي بنياد تي شڪور ڍنڍ ۾ سوين پکين جو قتل عام ٿي ٿو پوءِ ڪيڻ ننڍو ۽ بدين شهر ۾ مختلف ريڻن ۾ وڪرو ٿين ٿا شڪور ڍنڍ تي پکين جي نسل ڪشي هڪ منظر ٽولر ڪري ٿي جيڪو اڳ اثر اسوخ رکي ٿو انهئي ڪري هر ڪاروائي ڪان اڄو آهي مهمان پکي سياسي توڙي سرڪاري ماڻهن کي تحفي طور پيش ڪيا ويندا آهن هتان جي سجاڻ ڏرين ضلعي بدين جي گير کاتي جي انسپيڪٽر سائين الله ڏنو شاهه ڪان مطالبو ڪيو جيڪي شڪور ڍنڍ ۾ روز جي بنياد تي نياب مهمان پکين جو شڪار ٿي ٿو انهن شڪارين خلاف هڪدم نوٽس وٺي ڪارروائي ڪري نياب مهمان پکين جي ٿيندڙ نسل ڪشي بند ڪرائي ختم ٿيندڙ قطري سونهن بچايو وڃي

بقايا سنڌيار 24

هاءِ وي تي ضياء مارشلا دور ۾ احتجاج دوران گولين لڳڻ باوجود روڊ نه ڪولينڊڙ قومي شاعر شهيد غلام رسول برهماڻي عرف مستانو سنڌي جي 36 هين ورسي جي موقعي تي قومپرست ڪارڪنن ريلي جي صورت ۾ حاضري ڀري گلن جون چادرون چاڙهي قومي ترانو پڙهي پيتا پيش ڪيا ويا. ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي جيئي سنڌ تحريڪ جي چيئرمين سورهيه سنڌي جسقم جي سينئر اڳواڻ سرفراز ميمڻ ،علي رضا خاصخيلي جست جي مرڪزي وائيس چيئرمين انوربڙدي، باغي راجپر جسقم اڳواڻ گلشير ڪوسو جسم اڳواڻ اشرف عمراڻي ايس يو پي اڳواڻ بابل ڪوسو شهيد جي وارثن چيو ته شهيد غلام رسول برهماڻي مستانوسنڌي جي قومي تلي جو نمايان شهيد آهي جيڪوسائين جي ايم سيد جي گرفتاري خلاف 14 ڊسمبر 1987ع جي ڏينهن انڊس هاءِ وي تي احتجاج دوران اهلڪارن هٿان شهيد ٿيو شهيد مستانو سنڌي نه صرف قومي ڪارڪن گڏوگڏ شاعر به هيو جنهن جي قومي شاعري جو ڪتاب 'آزادي اعلان اسان جو' جي نالي سان پڻ ڇپيو آهي شهيد مستانو سنڌي سنڌ ۽ سيد جو عاشق هو جنهن جي اکين ۾ سنڌ جي آزادي جا سپنا سمايل هيا. هن چيو ته سنڌ هن وقت خطرن ۾ گهيريل آهي ان وقت سائين جي ايم سيد جي فڪر تي عمل ڪرڻ سان ئي سنڌ جي نجات ممڪن آهي هن چيو ته شهيد مستانو سنڌي جي ڇڏيل واٽ کي تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ جدوجهد جاري رهندي

بقايا سنڌيار 25

منور علي راهو ۽ ٻين جي آمد ايڊووڪيٽ حفيظ الرحمن جوڻو پاران آيل مهمانن تي گلن جي ورکا ڪئي وئي. اجرڪون اوڍائيون ويون ويلڪم ڪيو ۽ (PLF) ب ب گروپ کي ووٽ ڏيارڻ جي يقين ڏيائي ڪرائي. ان موقعي تي سمندر خان انڙ، راجا ملاح، علي احمد جوڻو. عبدالواحد جوڻو عادل جوڻو، سليم خاصخيلي، ڊاڪٽر جاويد اقبال قادري، سلطان سومرو ۽ پيا موجود هئا.

بقايا سنڌيار 26

خواجا جي مل تي وڪرو ڪري پرچون ڪئي مل ڪان ٻاهر نڪتس ته ڪن بااثر ماڻهو هٿيارن جي زور پرچون ڦري ويا هن چيو ته مونک ان ڦر ٿيل پرچون هٿيار بند قورو ڪلثي وڃي سليمان خواجا کا 12 لک جي رقم وٺي ويا هن ٻڌايو ته ڦرئيل پرچين ڪان مون واپاري کي آگاهي ڏني ته مون ڪان پرچون ڦرجي ويون آهن رقم ڪنهن کي ب ادا نه ڪئي وڃي ۽ واپاري سليمان خواجا بااثر ماڻهن جي دباءَ ۾ اچي منهنجي رقم انهن ماڻهن حوالي ڪري ڇڏي آهي هن ٻڌايو پاڻ سان ٿيل ظلم ۽ ڌاڌائي بابت ڪيترن ئي چڱن مڙسن کي دانهون ڏنيون ويون آهن ۽ سرڪاري ادارن حد جي ٿاڻي تي رپورٽون درج ڪرايون آهن پر ڪوب ڪوٽيل ناهي نڪتو ۽ درجون ٺوڪرون کائي ٿڪجي پيو آهيان هن ٻڌايو ته بااثر ماڻهن ۾ شير زنگيجائي ڪمال زنگيجائي حيدر زنگيجائي شامل آهن جيڪي هن وقت مونکي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جنهنڪري مونکي جان ڪان خطرو پورهيت محمد يوسف زنگيجائي چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن ساڻس انصاف نه ٿيو هو پريس ڪلب گهوڙاباري اڳيان پاڻ تي گاسليٽ هاري باهه ڏئي ساڙي ڇڏيندس جنهن جي زميواري مقامي انتظاميا تي هوندي

بقايا سنڌيار 27

جي دعا ٿي گذري جنهن ۾ قاري اسدالله ميمڻ بيان ڪندي چيو ته قرآن مجيد سان وابستگي اسان جي لاءِ دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي آهي ۽ انهن موقعي تي مدرسه دارالقرآن محمديه جي مهتمم قاري عبدالناصر مڪي پنهنجي بيان چيو ته مدرسي ۾ تجويد جي قواعد ۽ ضوابط جي مطابق قرآن مجيد جي تعليم ڏني ويندي آهي الحمدالله اسان جو ادارو پنج سالن کان ديني خدمت سرانجام ڏئي رهيو آهي، مدرسي ۾ تقريبن 80 طلباء ڪرام ديني تعليم پرائي رهيا آهن انشاءالله اڃان وڌيڪ محنت جاري رکنداسين.

بقايا سنڌيار 28

۾ پوليس جي ملازمن کي وليفئير ۽ انهن کي ميڊيڪل ٽيسٽون فري ۾ فراهم ڪيون. ايس ايس پي آفيس ٽنڊو محمد خان ۾ چار روزه هيلٿ اسڪريننگ ڪئمپ جو اهتمام ڪيو ويو. خبر موجب ضلع ٽنڊو محمد خان پوليس جي ملازمن جي لاءِ ويلفيئر احسن اقدام فري هيلٿ اسڪريننگ ٽيسٽ آئي جي سنڌرفعت مختيار راجا ۽ ڊي آئي جي رينج طارق رضا ڌاريجو جن جي حڪم تحت ايس ايس پي سيد سليم شاهه جي زير سرپرستي هيٺ ايس ايس پي آفيس ٽنڊو محمد خان ۾ فري هيلٿ اسڪريننگ ٽيسٽ ڪئمپ جو اهتمام ڪيو ويو. ڊسٽرڪٽ هيلٿ ڊپارٽمينٽ ٽنڊو محمد خان جي تعاون سان پوليس ملازمن جي ويلفئير ۽ انهن جي ميڊيڪل ٽيسٽون فري ۾ سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ چار روزه هيلٿ اسڪريننگ ڪئمپ جو اهتمام ڪيو ويو ان موقعي تي ايس ايس پي سيد سليم شاهه ڪئمپ جو دورو ڪيو هيلٿ ڊپارٽمينٽ جي ڊاڪٽرن ۽ اسٽاف ڪان معلومات وٺڻ لاءِ ۽ اسڪريننگ ٽيسٽ جي باري ۾ اظهار طلب ڪيو دوران وزٽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سيد سليم شاهه سان گڏ ڊاڪٽر عبدالجبار ڪنڀار ڪئمپ انچارج ڊاڪٽر طاهر شاهه ليب انچارج ڊاڪٽر شارڪ ناهيون ۽ ٻيا ٽيم انچارج ويلفئير آر آئي پوليس لائن هيڊ ڪلارڪ موجود هئا اسڪريننگ ٽيسٽ ۾ 125 کان وڌيڪ پوليس ملازمن جي شگر هيپاٽائيٽس بي سي ۽ ايچ آئي وي ٽيسٽون ڪيون ويون تمام پوليس اسٽاف جا فري چيڪپ ڪيو ويو ۽ صحت جي حوالي سان هدايتون پڻ جاري ڪيون ويون اسڪريننگ ٽيسٽ ڪئمپ جي اهتمام تي ضلعي پوليس جي ملازمن پاران خوشي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ايس ايس پي جو چوڻ هو ته ضلعي ٽنڊو محمد خان جي پوليس ملازمن جي ويلفئير جي لاءِ هي هڪ بهترين قدم ڪٿن تي اسان آئي جي سنڌ صاحب ڊي آئي جي سنڌ صاحب حيدرآباد جي خصوصي طور تي ضلعي پوليس هيلٿ ڊپارٽمينٽ ٽنڊو محمد خان ڊي ايڇ او ۽ ان جي ٽيم جا شڪرادا ٿا ڪريون ته فري ميڊيڪل ڪئمپ جو اهتمام ڪيو ويو ته جيئن پوليس ملازم خطرناڪ بيمارين کان محفوظ رهن

بقايا سنڌيار 29

ارشاد علي عرف بگو به اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو. هوڏانهن ٽرين وچم جهيڙو هلندڙ. جهيڙي کي روڪڻ لاءِ سموري ضلعي جي پوليس ۽ رينجرس کي گهرايو ويو آهي

بقايا سنڌيار 30

ڪري رهيا هيا ان موقعي تي اڳواڻ چيو ته ڳوٺ جمن راجپر مٿان 11 هزار تارون هيو جيڪي ڪمزور ٿي ڪري زمين تي هيٺ ڪري پيون اسان سيپڪو نوشهروفيروز جي انجنيئر تاج محمد ماڪا سميت لاڳاپيل آفيسرن کي شڪايتون ڪيون پرهن تارون زمين تان مٿي ڪرڻ بجاءِ انهن ۾ بجلي چالو ڪري ڇڏي. 28 ڏينهن اڳ ڳوٺ جمن راجپر لڳ گلاب راجپر جيڪو زمين تي ڪم ڪرڻ سان گڏ مال چاري رهيو هو جيڪو تارن ۾ وچڙي فوت ٿي ويو اسان اهڙي رپورٽ نوشهرو فيروز ٿاڻي تي داخل ڪرائڻ بعد ميڊيڪل ليٽر وٺي پوسٽ مارٽم ڪرايوسين جڏهن اسان ٿاڻي تي ايف آئي آر داخل ڪرائڻ وياسين ته ٿاڻي وارن جواب ڏئي ڇڏيو اسان اهڙي ناجائزي خلاف ڪورٽ سميت اعلا اختيارين کي ٽيليگرام ڪيا آهن ان بعد سيپڪو وارا مجرجي انتقامي ڪاروائي ڪندي درخواست گذار صحافي يونين اڳواڻ جي گهر جو ميٽر هجڻ باوجود بجلي ڪٽي ڇڏي آهي هنن وڌيڪ چيو ته گلاب راجپر واپڊا وارن جي غلطين سبب فوت ٿيو آهي ان ڪري سيپڪو انجنيئر سميت لاڳاپيل ايس ڊي او تي قتل جو ڪيس داخل ڪيو وڃي اسان ڪورٽ ۾ به پٽيشن داخل ڪئي آهي اسان کي عدالت مان اميد آهي ته انصاف ٿيندو ۽ جيڪڏهن واپڊا وارن پنهنجي بدماشي ختم نه ڪئي ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪرڻ سان گڏ نيشنل هاءِ وي بلاڪ ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 31

ڪافي عرصي کان بيمار هيو. ان ايم آر ڊي تحريڪ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. ڪافي دفعا پابند سلاسل رهيو ۽ ايم آر ڊي جي مرڪزي صدر جي يو آءِ سنڌ جي صدر مرحوم سيد محمد شاهه امروٽي جو ٻانهن ٻيلي رهيو ۽ ڪافي دفعا جي يو آءِ سنڌ جو جنرل سيڪريٽري رهيو قاري شير افضل ايم آر ڊي سميت ڪيترن ئي تحريڪن ۾ شاندار ڪردار ادا ڪيو. جي يو آءِ ضلع جيڪب آباد جي امير ڊاڪٽر اي جي انصاري، مفتي عبدالشڪور ڪوسو مولانا عبدالجبار رند، حاجي محمد عباس بنگلاڻي، مير حسن برڙو ان جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته سنڌ جي سياست ۾ ان جو اهم ۽ دليرانو ڪردار رهيو ان جي سياسي ۽ مذهبي ڪاوشن کي ڪڏهن به نه وساري سگهجي. انهن الله تعالي کان دعا ڪئي ته مرحوم کي جنت الفردوس ۽ پونئرن کي صبر جميل جي توفيق عطا فرمائي.

بقايا سنڌيار 32

ڇڏيو يوريا پاڻ جي سرڪاري ريٽ 35 سئو روپيه هجڻ باوجود واپاري بليڪ ڪري 6 هزار روپيه في بوري وڪرو ڪرڻ لڳا. ڊي اي پي پاڻ پڻ 3 کان 5 هزار روپيه في بوري وڌيڪ وڪرو ٿيڻ لڳي. ان سلسلي ۾ مقامي آبادگارن ۽ زميندارن ڏانهيندي چيو آهي ته ايف ايف سي توڙي سرسبز ۽ ٻين فرٽيلائيزر ڪمپنين پاران تيار ٿيندڙ يوريا پاڻ ۽ ڊي اي پي پاڻ بليڪ ڪري مخصوص گدامن ڪان 50 سيڪڙو مهانگي اگهه تي وڪرو ٿيڻ ڪري آبادگارن کي ٻئي هٿ مٺي تي اچي ويا آهن. جنهن جو ازالو ٿي ناهي سگهيو هن جيو ڏٺي، سجاول. بدين ۽ ٽنڊو محمد خان ضلعن ۾ ڪٽڪ ڪمند ٽماٽي سميت سمورا فصل سخت متاثر ٿيڻ لڳا آهن. هٿ وٺي ڊيلرن ۽ پاڻ جي واپارين پاران پاڻ جو بحران پيدا ڪري بليڪ تي وڪرو جاري ڪري پاڻ بليڪ ڪري وياج جي ڪاروبار کي هٿي ڏياري پئي وڃي. جنهن جو فوري طور نوٽيس ورتو وڃي. ٻئي طرف پاڻ جي واپاري سريش ڪمار ۽ ٻين جو چوڻ هو ته پاڻ جو بحران فرٽيلائيزر ڪمپنين مان گئس جي گهٽ فراهمي سبب گهٽ مقدار ۾ تياري ٿيڻ آهي ۽ وڏا ڊيلر پڻ پاڻ جي ڪوٽ ۽ بليڪ مارڪيٽنگ جا ذميوار آهن. اسان مهانگي اگهه تي پاڻ خريد ڪرڻ سبب مهانگي ريٽ تي وڪرو ڪرڻ تي مجبور آهيون. حڪومتي رٽ نه رهي آهي. اسانکي سستي اگر تي پاڻ مليو ته ضرور سستي اگهه تي به وڪرو ڪنداسين.

بقايا سنڌيار 33

. اها ڳالهه هن اڄ ماروي هال ملي ۾ حيدرآباد ۽ ميرپورخاص ڊويزن ضلعن جي صحت کاتي جي عملدارن سان اي پي آئي جي ٽماهي جائزا گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪئي. ان موقعي تي ٻنهي ڊويزن جي سمورن ضلعن جي اي پي آئي جي ڪارڪردگي جو ڀرپور جائزو ورتو ويو گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سهيل رضا شيخ. ڊي ايچ او ٿرپارڪر ڊاڪٽر محمد باقر. ڊي ايچ اوز. ضلعي اي پي آئي فوڪل پرسن. ڊبليو ايچ او ۽ ڊاڪٽر وقار سومرو. يونيسيف جو امجد انصاري. ڊاڪٽر تسليم خميساڻي. صوبائي ڪميونيڪيشن اسپيشلسٽ سنيل راجا، صوبائي اي پي آئي ٽيم. ضلعي اي پي آئي فوڪل پرسن ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار موجود هئا_ ڊاڪٽر محمد نعيم وڌيڪ چيو ته اي پي آئي سنڌ 91 سيڪڙو ٽائين ٻارن جي بي سي جي ويڪسينيشن جي هڪ قابل تعريف ڪوريج حاصل ڪئي آهي جنهن ۾ موثر حڪمت عملي تحت مقرر سائيٽن ۽ ڪميونٽيز تائين رسائي شامل آهي. پروجيڪٽ ڊائريڪٽر محمد نعيم چيو ته پروگرام جي ڪوريج ۾ نمايان بهتري آئي آهي جڏهن ته مواصلاتي سرگرمين ۽ سماجي موبلائيزيشن کي ترجيح ڏيڻ ۽ موثر رسائي کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪميونٽي جي بنياد تي ڪولڊ چين سسٽم کي مضبوط ڪيو ويو آهي ۽ جتي ضرورت هجي اتي نيون تنصيبات پڻ متعارف ڪرايون ويون آهن هن چيو ته مانيٽرنگ سسٽم کي مضبوط ڪيو ويو آهي جڏهن ته عملدارن ۽ عملي جي صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ جامع تربيتي پروگرام شامل ڪيا ويا آهن هن چيو ته اي پي آئي سنڌ ٻارن جي صحت جي تحفظ لاءِ پنهنجي مشن تي پرعزم آهي ۽ ٿرپارڪر ضلعي ۾ ڊيڪارل ترقي پروگرام اي پي آئي ٽيم جي دلچسپي ۽ محنت جو واضح ثبوت آهي.

بقايا سنڌيار 34

۾ پوليس جي ملازمن کي وليفئير ۽ انهن کي ميڊيڪل ٽيسٽون فري ۾ فراهم ڪيون. ايس ايس پي آفيس ٽنڊو محمد خان ۾ چار روزه هيلٿ اسڪريننگ ڪئمپ جو اهتمام ڪيو ويو. خبر موجب ضلع ٽنڊو محمد خان پوليس جي ملازمن جي لاءِ ويلفيئر احسن اقدام فري هيلٿ اسڪريننگ ٽيسٽ آئي جي سنڌرفعت مختيار راجا ۽ ڊي آئي جي رينج طارق رضا ڌاريجو جن جي حڪم تحت ايس ايس پي سيد سليم شاهه جي زير سرپرستي هيٺ ايس ايس پي آفيس ٽنڊو محمد خان ۾ فري هيلٿ اسڪريننگ ٽيسٽ ڪئمپ جو اهتمام ڪيو ويو. ڊسٽرڪٽ هيلٿ ڊپارٽمينٽ ٽنڊو محمد خان جي تعاون سان پوليس ملازمن جي ويلفئير ۽ انهن جي ميڊيڪل ٽيسٽون فري ۾ سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ چار روزه هيلٿ اسڪريننگ ڪئمپ جو اهتمام ڪيو ويو ان موقعي تي ايس ايس پي سيد سليم شاهه ڪئمپ جو دورو ڪيو هيلٿ ڊپارٽمينٽ جي ڊاڪٽرن ۽ اسٽاف ڪان معلومات وٺڻ لاءِ ۽ اسڪريننگ ٽيسٽ جي باري ۾ اظهار طلب ڪيو دوران وزٽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سيد سليم شاهه سان گڏ ڊاڪٽر عبدالجبار ڪنڀار ڪئمپ انچارج ڊاڪٽر طاهر شاهه ليب انچارج ڊاڪٽر شارڪ ناهيون ۽ ٻيا ٽيم انچارج ويلفئير آر آئي پوليس لائن هيڊ ڪلارڪ موجود هئا اسڪريننگ ٽيسٽ ۾ 125 کان وڌيڪ پوليس ملازمن جي شگر هيپاٽائيٽس بي سي ۽ ايچ آئي وي ٽيسٽون ڪيون ويون تمام پوليس اسٽاف جا فري چيڪپ ڪيو ويو ۽ صحت جي حوالي سان هدايتون پڻ جاري ڪيون ويون اسڪريننگ ٽيسٽ ڪئمپ جي اهتمام تي ضلعي پوليس جي ملازمن پاران خوشي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ايس ايس پي جو چوڻ هو ته ضلعي ٽنڊو محمد خان جي پوليس ملازمن جي ويلفئير جي لاءِ هي هڪ بهترين قدم ڪٿن تي اسان آئي جي سنڌ صاحب ڊي آئي جي سنڌ صاحب حيدرآباد جي خصوصي طور تي ضلعي پوليس هيلٿ ڊپارٽمينٽ ٽنڊو محمد خان ڊي ايڇ او ۽ ان جي ٽيم جا شڪرادا ٿا ڪريون ته فري ميڊيڪل ڪئمپ جو اهتمام ڪيو ويو ته جيئن پوليس ملازم خطرناڪ بيمارين کان محفوظ رهن

بقايا سنڌيار 35

شيخ جنرل سيڪريٽري جي يو آءِ سڪر ستي هئا جنهن ۾ مولانا مسعوداحمد حقاني مولانا مفتي محمد عابد جنرل سيڪريٽري جي يو آءِ يونٽ منزل گاهه مولانا عبدالتواب هاليجوي مولانا عبدالمالڪ چاچڙ پروفيسر اصغر مجاهد مهر صدر تنظيم نڪرونظرسنڌ قاري ڪليم الله گهنجو مولانا عبدالله مڪي مولانا عبدالاسلام هاليجوي ۽ ٻين علماءِ ڪرام شرڪت ڪئي جنهن ۾ اهم فيصلا ڪيا ويا جنهن ۾ چيو ويو ته اڄ جميعت جو صوبائي عمومي اجلاس منزل گاهه ۾ ٿي رهيو آهي جنهن ۾ مولانا عبدالغفور حيدري سيڪريٽري جنرل جميعت علماء اسلام خصوصي طور شريڪ ٿي رهيا آهن جيڪي به صوبائي عمومي اجلاس ۾ فيصلا ڪيا ويندا ان تي عمل ڪيو ويندو پروفيسر اصغرمجاهد مهرصدر تنظيم اجلاس کي ٻڌايو ته جميعت علماءِ اسلام پاڪستان حق واري جماعت آهي جيڪا اسلام ۽ملڪ جي دشمن ۽ بي ديني جومقابلو ڪري رهي خاص طور تي مساجد ۽ مدارس جي تحفظ لاءِ ان جي جدوجهد گهڻي ڏگهي آهي خاص طور ميدني مسجد طارق روڊ ڪراچي خلاف سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس مسمار ڪرڻ جوحڪم ڏنو هو پر علامه راشد سومرو ۽ مولانا عبدالغفور حيدري مسجد جي ميدان تي ويهي مدينه مسجد جي تحفظ جو اعلان ڪري چيف جسٽس جي آرڊر جتي جي نوڪ تي رکي اڏائي ڇڏيو هو الحمدالله مدينه مسجد اڄ پنهنجي جڳهه تي صحيح سلامت آهي ۽ پرحڪم ڏيڻ وارو جج پڇي ملڪ ڇڏي هليو ويو آهي ان چيو ته وري هڪ پيرو پيهر ميئر سڪر جي سرپرستي ۾ مسجد زم زم جي پر ۾ تخريبي ٽوڙ ڦوڙ جو ڪم جاري آهي پارڪ جي نالي تي بلڊنگون تعمير ڪيون پيون وڃن جڏهن ته روينيو رڪارڊ ۽ ميونسپل وٽ پارڪ جو ريڪارڊ ناهي ۽ نه وري پارڪ جو نالو ريڪارڊس آف رائيٽس ۾ رکيل آهي سڪر جو ميئر وڏو متعصب ماڻهو آهي مسجد زم زم ان جي اک جو ڪندو آهي ان ڪري مسجد جي بچيل ديوارن کي مسمار ڪرڻ جو وضوخانو ۽ واش کي ڊهرائڻ جو ناپاڪ ارادو عزم ڪري ڇڏيو آهي مسجد جي ديوارن سان گڏ ڪوٺائي ڪري ڪڏون ڪوٺي پنهنجو ناپاڪ مقصد پورو ڪرڻ چاهي ٿو ان لاءِ شيخ الحديث مفتي سعود افضل هاليجوي مولانا محمد صالح انڍڙ ۽ قاري جميل احمدبنڌاڻي سان رابطو ڪري حقيقت ڪان آگاهه ڪيو آهي جنهن ميئر سان ان سلسلي ۾ ڳالهايو آهي پر هو پنهنجي هوڏ تي قائم آهي تخريبي ڪم جاري رکيون پيو اچي ۽ عالمن سگهورن کي ڌاڄ يا آسري ۾ رکي دل ۾ ڪينو رکي ڪنوڪر ڪرائي رهيو آهي اجلاس ۾ اڪابر علماءڪرام ڪان مطالبو ڪيو ويو آهي ته هو ميئر تي پنهنجي سخت موقف سان سامهون ٿين ۽ رڪن ۽ ڪم بند نه ۾ آئنده جي بداراڌي کي هميشه لاءِ ختم ڪرائين چوڻ هي الله پاڪ جي گهرجو سوال ان لاءِ پر نه ڏين ۽ مسجد ۽ مدرسي جو تحفظ ني سگهي چوڻ مسجدزم زم سنڌ اسلامڪ سينٽر سڪر هڪ آئيني قانوني ۽ شرعي اسٽيٽس رکي ٿي جنهن جو سنگ بنياد تاريخ 28 آڪٽوبر 1992 قائد جميعت حضرت مولانا فضل الرحمان پنهنجن هٿن مبارڪ سان رکيو هو ۽ جنهن جو افتتاح مولانا عبدالغفور حيدري سيڪريٽر جنرل جميعت علماءِ اسلام ۽ ڊپٽي چيئرمين سينٽ جي حيثيت ۾ تاريخ 30 اپريل 2016 م پنهنجن هٿن مبارڪن سان ڪيو هو اجلاس ۾ چيو ويو ته مسجدن ۽ مدرسن جي دفاع ۽ تحفظ لاءِ جميعت علماءِ اسلام پاڪستان هڪ انچ به نه هٽندي جميعت مسجدن ۽ مدرسن جي حفاظت ۽ دين جي سربلندي اسلامي ادارن جي حفاظت ڪرڻ کي پنهنجو فرض سمجهي ٿي ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته ملڪ جي سربراهه سنڌ اسلامڪ سينٽر مناره روڊ جو سنگ بنياد رکيو هو گورنر سنڌ وزي اعلي اسنڌ ۽ ساري سنڌ حڪومت جي مشينري ان وقت موجود هئي ۽ ان مبارڪ ۽ مسعود سينٽر کي قانوني طور تي منظوري به ڏني آهي ويئي هئي ريڪارڊس آف رائيٽس ۾ ان جي داخلا رکيل آهي

بقايا سنڌيار 36

۾ پوليس جي ملازمن کي وليفئير ۽ انهن کي ميڊيڪل ٽيسٽون فري ۾ فراهم ڪيون. ايس ايس پي آفيس ٽنڊو محمد خان ۾ چار روزه هيلٿ اسڪريننگ ڪئمپ جو اهتمام ڪيو ويو. خبر موجب ضلع ٽنڊو محمد خان پوليس جي ملازمن جي لاءِ ويلفيئر احسن اقدام فري هيلٿ اسڪريننگ ٽيسٽ آئي جي سنڌرفعت مختيار راجا ۽ ڊي آئي جي رينج طارق رضا ڌاريجو جن جي حڪم تحت ايس ايس پي سيد سليم شاهه جي زير سرپرستي هيٺ ايس ايس پي آفيس ٽنڊو محمد خان ۾ فري هيلٿ اسڪريننگ ٽيسٽ ڪئمپ جو اهتمام ڪيو ويو. ڊسٽرڪٽ هيلٿ ڊپارٽمينٽ ٽنڊو محمد خان جي تعاون سان پوليس ملازمن جي ويلفئير ۽ انهن جي ميڊيڪل ٽيسٽون فري ۾ سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ چار روزه هيلٿ اسڪريننگ ڪئمپ جو اهتمام ڪيو ويو ان موقعي تي ايس ايس پي سيد سليم شاهه ڪئمپ جو دورو ڪيو هيلٿ ڊپارٽمينٽ جي ڊاڪٽرن ۽ اسٽاف ڪان معلومات وٺڻ لاءِ ۽ اسڪريننگ ٽيسٽ جي باري ۾ اظهار طلب ڪيو دوران وزٽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سيد سليم شاهه سان گڏ ڊاڪٽر عبدالجبار ڪنڀار ڪئمپ انچارج ڊاڪٽر طاهر شاهه ليب انچارج ڊاڪٽر شارڪ ناهيون ۽ ٻيا ٽيم انچارج ويلفئير آر آئي پوليس لائن هيڊ ڪلارڪ موجود هئا اسڪريننگ ٽيسٽ ۾ 125 کان وڌيڪ پوليس ملازمن جي شگر هيپاٽائيٽس بي سي ۽ ايچ آئي وي ٽيسٽون ڪيون ويون تمام پوليس اسٽاف جا فري چيڪپ ڪيو ويو ۽ صحت جي حوالي سان هدايتون پڻ جاري ڪيون ويون اسڪريننگ ٽيسٽ ڪئمپ جي اهتمام تي ضلعي پوليس جي ملازمن پاران خوشي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ايس ايس پي جو چوڻ هو ته ضلعي ٽنڊو محمد خان جي پوليس ملازمن جي ويلفئير جي لاءِ هي هڪ بهترين قدم ڪٿن تي اسان آئي جي سنڌ صاحب ڊي آئي جي سنڌ صاحب حيدرآباد جي خصوصي طور تي ضلعي پوليس هيلٿ ڊپارٽمينٽ ٽنڊو محمد خان ڊي ايڇ او ۽ ان جي ٽيم جا شڪرادا ٿا ڪريون ته فري ميڊيڪل ڪئمپ جو اهتمام ڪيو ويو ته جيئن پوليس ملازم خطرناڪ بيمارين کان محفوظ رهن

بقايا سنڌيار 37

ساڪرو جي ڪاتيدارن جي زمينن ۽ ٻين مسئلن بابت شڪايتون ٻڌي درخواستون وصول ڪيون ۽ موقعي تي ئي لاڳاپيل عملدارن کي حڪم جاري ڪيا. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته ضلعي انتظاميه جي ڪوشش آهي ته عوام کي بنيادي سهولتون ۽ رليف فراهم ڪيو وڃي. هن کلي ڪچهري ۾ موجود مختلف صنعتن جي نمائندن تي زور ڀريو ته هو ليبر قانون تي عمل ڪندي مقامي ماڻهن کي روزگار ۽ ٻين سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائين ته جيئن مقامي ماڻهن ۾ موجود پريشاني ختم ٿي سگهي. هن چيو ته پاڻ جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ اعلىٰ اختيارين سميت فرٽيلائزر ڪمپنين جي انتظاميا سان ڳالهيون جاري آهن ته جيئن پاڻ جي ڪوٽ کي پورو ڪري سگهجي. ان حوالي سان ذخيره اندوزن ۽ ناجائز منافع خورن خلاف ڪارروائيون پڻ جاري آهن. ڪليل ڪچهري دوران عوام پاران ڪيل شڪايتن تي ڊپٽي ڪمشنر تعلقي ميرپور ساڪرو جي اسسٽنٽ ڪمشنر اقبال احمد ٽنيو ۽ مختيارڪار احمد ميمڻ کي هدايت ڪئي ته هو شڪايت ڪندڙن جي زمين جو معائنو ڪري فوري طور تي جائز مسئلا حل ڪن. هن چيو ته جن ڳوٺن تي قبضن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي انهن جي حدبندي ڪري انڪوائري بعد غير قانوني قبضا هٽايا وڃن ۽ ملوث عنصرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. ڌابيجي پمپنگ اسٽيشن جي سرڪاري زمين تي غير قانوني فارم هائوسز جي اڏاوت جي شڪايت تي ڊپٽي ڪمشنر اسسٽنٽ ڪمشنر کي هدايت ڪئي ته معاملي جي جاچ ڪري غير قانوني اڏاوتون هٽايون وڃن. هن چيو ته صنعتن جي انتظاميا سان ڳالهائي ڪري ڪم ڪندڙ ملازمن جون لسٽون چيڪ ڪيون وڃن ۽ مقامي ماڻهن جي مقرري جو جائزو ورتو وڃي. هن اسسٽنٽ ڪمشنر کي وڌيڪ هدايت ڪئي ته هو پنهنجي نگرانيءَ هيٺ سنڌ انوائرمينٽ پروٽيڪشن ايجنسي (سيپا) جي نمائندن سان گڏجي صنعتن جو دورو ڪري ۽ خارج ٿيندڙ زهريلي پاڻي ۽ دونهن بابت رپورٽ پيش ڪئي وڃي ته جيئن وڌيڪ حڪمت عملي جوڙي سگهجي. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته گهارو شهر جي روڊ تان گاڏا، ڀڙيون ۽ ٻيون غيرقانوني حدخليون فوري طور هٽايون وڃن ته جيئن عوام کي آمدرفت ۾ آساني پيدا ٿي سگهي جڏهن ته پاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ، ذخيره اندوزي ۽ ناجائز منافع خورن خلاف به ڪارروائي تيز ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 38

شيخ جنرل سيڪريٽري جي يو آءِ سڪر ستي هئا جنهن ۾ مولانا مسعوداحمد حقاني مولانا مفتي محمد عابد جنرل سيڪريٽري جي يو آءِ يونٽ منزل گاهه مولانا عبدالتواب هاليجوي مولانا عبدالمالڪ چاچڙ پروفيسر اصغر مجاهد مهر صدر تنظيم نڪرونظرسنڌ قاري ڪليم الله گهنجو مولانا عبدالله مڪي مولانا عبدالاسلام هاليجوي ۽ ٻين علماءِ ڪرام شرڪت ڪئي جنهن ۾ اهم فيصلا ڪيا ويا جنهن ۾ چيو ويو ته اڄ جميعت جو صوبائي عمومي اجلاس منزل گاهه ۾ ٿي رهيو آهي جنهن ۾ مولانا عبدالغفور حيدري سيڪريٽري جنرل جميعت علماء اسلام خصوصي طور شريڪ ٿي رهيا آهن جيڪي به صوبائي عمومي اجلاس ۾ فيصلا ڪيا ويندا ان تي عمل ڪيو ويندو پروفيسر اصغرمجاهد مهرصدر تنظيم اجلاس کي ٻڌايو ته جميعت علماءِ اسلام پاڪستان حق واري جماعت آهي جيڪا اسلام ۽ملڪ جي دشمن ۽ بي ديني جومقابلو ڪري رهي خاص طور تي مساجد ۽ مدارس جي تحفظ لاءِ ان جي جدوجهد گهڻي ڏگهي آهي خاص طور ميدني مسجد طارق روڊ ڪراچي خلاف سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس مسمار ڪرڻ جوحڪم ڏنو هو پر علامه راشد سومرو ۽ مولانا عبدالغفور حيدري مسجد جي ميدان تي ويهي مدينه مسجد جي تحفظ جو اعلان ڪري چيف جسٽس جي آرڊر جتي جي نوڪ تي رکي اڏائي ڇڏيو هو الحمدالله مدينه مسجد اڄ پنهنجي جڳهه تي صحيح سلامت آهي ۽ پرحڪم ڏيڻ وارو جج پڇي ملڪ ڇڏي هليو ويو آهي ان چيو ته وري هڪ پيرو پيهر ميئر سڪر جي سرپرستي ۾ مسجد زم زم جي پر ۾ تخريبي ٽوڙ ڦوڙ جو ڪم جاري آهي پارڪ جي نالي تي بلڊنگون تعمير ڪيون پيون وڃن جڏهن ته روينيو رڪارڊ ۽ ميونسپل وٽ پارڪ جو ريڪارڊ ناهي ۽ نه وري پارڪ جو نالو ريڪارڊس آف رائيٽس ۾ رکيل آهي سڪر جو ميئر وڏو متعصب ماڻهو آهي مسجد زم زم ان جي اک جو ڪندو آهي ان ڪري مسجد جي بچيل ديوارن کي مسمار ڪرڻ جو وضوخانو ۽ واش کي ڊهرائڻ جو ناپاڪ ارادو عزم ڪري ڇڏيو آهي مسجد جي ديوارن سان گڏ ڪوٺائي ڪري ڪڏون ڪوٺي پنهنجو ناپاڪ مقصد پورو ڪرڻ چاهي ٿو ان لاءِ شيخ الحديث مفتي سعود افضل هاليجوي مولانا محمد صالح انڍڙ ۽ قاري جميل احمدبنڌاڻي سان رابطو ڪري حقيقت ڪان آگاهه ڪيو آهي جنهن ميئر سان ان سلسلي ۾ ڳالهايو آهي پر هو پنهنجي هوڏ تي قائم آهي تخريبي ڪم جاري رکيون پيو اچي ۽ عالمن سگهورن کي ڌاڄ يا آسري ۾ رکي دل ۾ ڪينو رکي ڪنوڪر ڪرائي رهيو آهي اجلاس ۾ اڪابر علماءڪرام ڪان مطالبو ڪيو ويو آهي ته هو ميئر تي پنهنجي سخت موقف سان سامهون ٿين ۽ رڪن ۽ ڪم بند نه ۾ آئنده جي بداراڌي کي هميشه لاءِ ختم ڪرائين چوڻ هي الله پاڪ جي گهرجو سوال ان لاءِ پر نه ڏين ۽ مسجد ۽ مدرسي جو تحفظ ني سگهي چوڻ مسجدزم زم سنڌ اسلامڪ سينٽر سڪر هڪ آئيني قانوني ۽ شرعي اسٽيٽس رکي ٿي جنهن جو سنگ بنياد تاريخ 28 آڪٽوبر 1992 قائد جميعت حضرت مولانا فضل الرحمان پنهنجن هٿن مبارڪ سان رکيو هو ۽ جنهن جو افتتاح مولانا عبدالغفور حيدري سيڪريٽر جنرل جميعت علماءِ اسلام ۽ ڊپٽي چيئرمين سينٽ جي حيثيت ۾ تاريخ 30 اپريل 2016 م پنهنجن هٿن مبارڪن سان ڪيو هو اجلاس ۾ چيو ويو ته مسجدن ۽ مدرسن جي دفاع ۽ تحفظ لاءِ جميعت علماءِ اسلام پاڪستان هڪ انچ به نه هٽندي جميعت مسجدن ۽ مدرسن جي حفاظت ۽ دين جي سربلندي اسلامي ادارن جي حفاظت ڪرڻ کي پنهنجو فرض سمجهي ٿي ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته ملڪ جي سربراهه سنڌ اسلامڪ سينٽر مناره روڊ جو سنگ بنياد رکيو هو گورنر سنڌ وزي اعلي اسنڌ ۽ ساري سنڌ حڪومت جي مشينري ان وقت موجود هئي ۽ ان مبارڪ ۽ مسعود سينٽر کي قانوني طور تي منظوري به ڏني آهي ويئي هئي ريڪارڊس آف رائيٽس ۾ ان جي داخلا رکيل آهي

بقايا سنڌيار 39

ساڪرو جي ڪاتيدارن جي زمينن ۽ ٻين مسئلن بابت شڪايتون ٻڌي درخواستون وصول ڪيون ۽ موقعي تي ئي لاڳاپيل عملدارن کي حڪم جاري ڪيا. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته ضلعي انتظاميه جي ڪوشش آهي ته عوام کي بنيادي سهولتون ۽ رليف فراهم ڪيو وڃي. هن کلي ڪچهري ۾ موجود مختلف صنعتن جي نمائندن تي زور ڀريو ته هو ليبر قانون تي عمل ڪندي مقامي ماڻهن کي روزگار ۽ ٻين سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائين ته جيئن مقامي ماڻهن ۾ موجود پريشاني ختم ٿي سگهي. هن چيو ته پاڻ جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ اعلىٰ اختيارين سميت فرٽيلائزر ڪمپنين جي انتظاميا سان ڳالهيون جاري آهن ته جيئن پاڻ جي ڪوٽ کي پورو ڪري سگهجي. ان حوالي سان ذخيره اندوزن ۽ ناجائز منافع خورن خلاف ڪارروائيون پڻ جاري آهن. ڪليل ڪچهري دوران عوام پاران ڪيل شڪايتن تي ڊپٽي ڪمشنر تعلقي ميرپور ساڪرو جي اسسٽنٽ ڪمشنر اقبال احمد ٽنيو ۽ مختيارڪار احمد ميمڻ کي هدايت ڪئي ته هو شڪايت ڪندڙن جي زمين جو معائنو ڪري فوري طور تي جائز مسئلا حل ڪن. هن چيو ته جن ڳوٺن تي قبضن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي انهن جي حدبندي ڪري انڪوائري بعد غير قانوني قبضا هٽايا وڃن ۽ ملوث عنصرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. ڌابيجي پمپنگ اسٽيشن جي سرڪاري زمين تي غير قانوني فارم هائوسز جي اڏاوت جي شڪايت تي ڊپٽي ڪمشنر اسسٽنٽ ڪمشنر کي هدايت ڪئي ته معاملي جي جاچ ڪري غير قانوني اڏاوتون هٽايون وڃن. هن چيو ته صنعتن جي انتظاميا سان ڳالهائي ڪري ڪم ڪندڙ ملازمن جون لسٽون چيڪ ڪيون وڃن ۽ مقامي ماڻهن جي مقرري جو جائزو ورتو وڃي. هن اسسٽنٽ ڪمشنر کي وڌيڪ هدايت ڪئي ته هو پنهنجي نگرانيءَ هيٺ سنڌ

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار
Reg No 2677
ايڊيٽر اعجاز مهر
ABC Certified
Daily SINDHYAR Karachi
www.dailysindhyar.com
NTN 4129440-8

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فريئنڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر ۾ شروع ٿي وئي آهي، روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com